روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) اربع 22 مارچ 2023ع بمطابق 29 شعبان المعظم 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 298

عمران خان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پيش: نيب ۽ دهشتگردي ڪيسز ۾ حفاظتي ضمانت منظور

لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ عمران خان جي زمان پارڪ گهر تي پوليس آپريشن خلاف توهين عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي، عمران خان جسٽس طارق سليم شيخ جي آڏو پيش ٿيو

پوليس چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو. ڀڃ ڊاهه ڪئي، ملڪيتن کي نقصان پهچايو. 18 مارچ تي زمان پارڪ آپريشن قانون جي ابتڙ ڪيو ويو: عمران خان جو درخواست ۾ موقف

بنيادي حقن ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جي 17 مارچ وارن حڪمن جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي. عدالت لاڳاپيل ڌرين خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪري

منهنجي گهرجا شيشا ٽوڙيا ويا، منهنجي زال گهر ۾ هئي، اها پرديدار عورت آهي، ان جي رڙين جا آواز ڪيمرا ۾ موجود آهن: عمران خان

چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو ويو. منهنجي 5 گارڊز کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ تشدد جو نشانو بنايو ويو

ميڊيا تي ويهي جيڪي عدليه سان مذاق ڪري رهيا آهن انهن جي خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪندس: ٻڌڻي دوران جسٽس طارق سليم شيخ جا ريمارڪس

لاهور: (م د) تحريڪ انصاف چيئرمين ۽ اڳوڻو وزيراعظم عمران خان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿي ويو. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ عمران خان جي زمان پارڪ گهر تي پوليس آپريشن خلاف توهين عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. عمران خان جسٽس طارق سليم شيخ جي آڏو پيش ٿيو عمران خان درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ته پوليس چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو ڀڃ ڊاهه ڪئي، ملڪيتن کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: تحريڪ انصاف سربراهه عمران خان ٻڌڻي دوران ويٺل آهي

پرويز الاهي جي پرنسپل سيڪريٽري محمد خان ڀٽي جا چرڪائيندڙ انڪشاف

لاهور (م د) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي جي پرنسپل سيڪريٽري محمد خان ڀٽي چرڪائيندڙ انڪشاف ڪري ڇڏيا. محمد خان ڀٽي جي هڪ وڊيو سوشل ميڊيا تي گردش ڪري رهي آهي، جنهن ۾ هن سينيئر ججن جو نالو کڻي مبينا طور تي سنگين ڪرپشن جي دعويٰ ڪئي آهي. وڊيو ۾ محمد خان ڀٽي چئي ٿو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ حڪومت طرفان 78 لک خاندانن کي سستو اٽو ڏيڻ جو اعلان

سنڌ حڪومت اٽي جي مد ۾ ساڍا 15 ارب رپيا فراهم ڪندي، 2 هزار رپيا في خاندان کي اٽي خريد ڪرڻ جي مد ۾ فراهم ڪيا ويندا: شرجيل ميمڻ

رمضان جي ٻلاري مهيني ۾ عوام کي رليف ڏئي رهيا آهيون. 8171 تي ميسيج ڪري سڃاڻپ ڪارڊ نمبر سينڊ ڪيو وڃي، سستي اٽي جي رقم حبيب بينڪ لميٽيڊ جي برانچ مان ملي سگهندي

ماڻهن جي آمدني 50 هزار رپين کان گهٽ آهي، اهي فائدو حاصل ڪري سگهندا، ڊيٽا بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کان ورتي ويندي

سنڌ حڪومت 65 رپيا في ڪلو اٽو فراهم ڪندي، گهٽ قيمت ۾ اٽو فراهم ڪرڻ کي يقيني بڻايو ويندو

جيڪڏهن خاندان وڌي ويا ته به انهن کي سهولت ڏينداسين. ذخيرو ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

منافعو ڪمائيندڙن جو سامان ضبط ڪري ان کي وڪرو ڪيو ويندو، سنڌ حڪومت پاران تعلقي سطح تي رمضان مهيني ۾ بچت بازارون به لڳايون وينديون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ مهانگائي جي طوفان ۾ وڏ کان وڏ ريليف پهچائڻ لاءِ 78 لک خاندانن کي رعايتي اگهن تي اٽو فراهم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڊيٽا ۾ موجود 50 هزار ۽ ان کان گهٽ آمدني وارن 78 لکن خاندانن کي اهو ريليف پهچايو ويندو. في خاندان کي هڪ مهيني تائين 2000 روپيا ڏنا ويندا. اها ڳالهه صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ سنڌ حڪومت جو ترجمان مرتضيٰ وهاب پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا

لاهور، ڪوئيٽا، راولپنڊي، بهاولپور، لوڌران، ڊي جي خان، ميانوالي، خانيوال، ٽوبا ٽيڪ سنگهه، پاراچنار، ڪرڪ ۾ به زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا

زلزلي جي شدت 6.8 رڪارڊ ڪئي وئي، ڪنهن به جاني يا مالي نقصان جو اطلاع ناهي مليو

اسلام آباد (م د) اسلام آباد سميت ملڪ جي مختلف شهرن ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا پشاور، ڪوهاٽ، صوابي ۾ به زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا آهن ان کان علاوه لاهور، ڪوئيٽا، راولپنڊي ۾ به زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

عمران خان چالاڪ ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ وڏي مهارت رکي ٿو: جنرل (ر) قمر جاويد باجوا

شيخ رشيد چيو هو ته عمران خان کان حڪومت نه پئي هلي، جنرل صاحب ڪجهه ڪيو

ڪڏهن ڪڏهن ايجنسين ۾ شاهه کان وڌيڪ شاهه جو وفادار بڻجڻ جي ڪوشش هوندي آهي

اعظم سواتي ۽ شهباز گل کي اگهاڙو ڪرڻ جي الزام سان منهنجو واقعن سان ڪو واسطو ناهي

اسلام آباد (م د) اڳوڻي آرمي چيف جنرل رٽائرڊ قمر جاويد باجوا تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان کي چالاڪ شخص قرار ڏئي ڇڏيو هڪ انٽرويو ۾ اڳوڻي آرمي چيف جنرل (ر) قمر جاويد باجوا چيو ته عمران خان ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ وڏي مهارت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

حڪومت جو عمران خان خلاف دهشتگردي جي ڪيسن جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ جو فيصلو

آءِ ٽي، عمران خان جي دهشتگردي جي ڪيسن جي جاچ ڪندي، سمورن ادارن کي جي آءِ ٽي ۾ شامل ڪيو ويندو

جي آءِ ٽي عمران خان خلاف اسلام آباد ۾ قائم ڪيسن جي جاچ ڪندي

اسلام آباد (م د) حڪومت جو عمران خان خلاف دهشتگردي جي ڪيسن جي جاچ لاءِ جي آءِ ٽي جوڙڻ جو فيصلو ذريعن مطابق جي آءِ ٽي ،عمران خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

زمان پارڪ آپريشن: مريم نواز، راڻا ثناءُالله ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل

آءِ جي پنجاب، سي سي پي او سميت ٻين خلاف ريس ڪورس ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي وئي

ريس ڪورس ٿاڻي جي پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

جي پنجاب زمان پارڪ آپريشن مريم نواز ۽ راڻا ثناءُالله جي حڪم تي ڪيو: درخواستگذار

پوليس کي واقعي تي ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست ڏني پر ڪيس داخل نه ڪيو ويو

لاهور: (م د) پي ٽي آءِ طرفان زمان پارڪ پوليس آپريشن جي حوالي سان مريم نواز، راڻا ثناءُالله ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي وئي آهي. رپورٽ موجب پاڪستان تحريڪ انصاف لاهور ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان جي رهائشگاهه زمان پارڪ ۾ پوليس طرفان ڪيل آپريشن تي مسلم ليگ(ن) جي سينئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز، وفاقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لاهور: ن ليگ جي اڳواڻ مريم نواز ۽ وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله (فائيل فوٽو)

سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ نئون سسٽم داخل، مينهن سان گڏ ڳڙي جو به امڪان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملڪ جي مختلف شهرن ۾ برسات سان موسم خوشگوار ٿي وئي، جڏهن ته نئون سسٽم داخل ٿيڻ سبب وڌيڪ برسات جي اڳڪٿي ڪئي آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته ڪراچي، لاهور، اسلام آباد، پشاور ۽ ڪوئيٽا سميت ملڪ جي مختلف حصن 21 کان 24 مارچ دوران برساتن جو امڪان آهي. موسميات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

توشه خانه ڪيس: بشريٰ بي بي نيب ۾ پيش نه ٿيڻ جو فيصلو ڪري ورتو

عمران خان طلبي جي نوٽيس کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

توشه خانه ڪيس نيب جي اختيار ۾ ناهي ايندو. توشه خانه جي حوالي سان ڪميشن ٺاهيو وڃي: فواد چوڌري

نيب توشه خانه ڪيس ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري کي طلبي جا ڌار ڌار نوٽيس جاري ڪيا هئا

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي توشه خانه ڪيس ۾ نيب ۾ پيش نه ٿيڻ جو فيصلو ڪري ورتو. جڏهن ته عمران خان نيب طرفان طلبي جي نوٽيس کي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو نيب توشه خانه ڪيس ۾ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان ۽ سندس گهرواري کي طلبي جا ڌار ڌار نوٽيس جاري ڪيا هئا. پي ٽي آءِ چيئرمين جي گهرواري بشريٰ بي بي نيب ۾ پيش نه ٿيڻ جو فيصلو ڪري ورتو جڏهن ته عمران خان طلبي جي نوٽيس کي لاهور هاءِ ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

لاهور: وڏي پيهه ۾ شهري سستو اٽو وٺندي نظر اچي رهيا آهن

پنجاب ۾ سستو اٽو حاصل ڪرڻ دوران 2 شهري حياتيون وڃائي ويٺا

رش ۽ سخت گرمي دوران 50 ورهين جي تاج بي بي اٽو حاصل ڪرڻ جي لاءِ لائين ۾ بيٺل هئي

بدنظمي ۽ سخت گرمي سبب تاج بيبي جي طبيعت خراب ٿي وئي پر هو اسپتال منتقل ڪرڻ دوران فوت ٿي وئي

ملتان ۾ سستي اٽي جي لاءِ لڳايل اسٽال تي هڪ شخص دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو

لاهور (م د) پنجاب ۾ سستو اٽو حاصل ڪرڻ دوران 2 شهري حياتيون وڃائي ويٺا. مظفر ڳڙهه جي تعلقي ڪوٽ ادو ۾ مفت اٽو حاصل ڪرڻ جي لاءِ لائن ۾ بيٺل عورت کي اٽو ته نه مليو پر هو انتظار دوران فوت ٿي وئي. رش ۽ سخت گرمي دوران 50 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي ۾ هٿياربندن جي فائرنگ: مفتي عبدالقيوم قتل، سي سي ٽي وي فوٽيجز سامهون اچي ويا

گلستان جوهر ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري سني علماءِ ڪائونسل جي مرڪزي اڳواڻ مفتي عبدالقيوم کي قتل ڪري ڇڏيو

واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس، رينجرز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا آفيسر موقعي تي پهچي ويا

شاهدين گڏ ڪرڻ لاءِ ڪرائيم سين يونٽ کي طلب ڪيو ويو، مقتول جي لاش پوسٽ مارٽم جي لاءِ جناح اسپتال آندي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ هٿياربندن فائرنگ ڪري پاڪستان علماءِ ايسوسيئيشن جي ميمبر ۽ سني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: هٿياربندن جي فائرنگ ۾ مارجي ويل مفتي عبدالقيوم

ڪراچي ۾ غريب چوڪري ڦاهو کائي حياتي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

گلشن بهار الجنت لان جي پويان ڪچي گهر مان نوجوان چوڪريءَ جو لاش مليو

فوتي نينگري کي 4 ڀينرون ۽ 2 ڀائر آهن، سندس ماءُ وڏي عمر جي آهي: ايس ايچ او

ڪراچي (م د) اورنگي ٽائون ۾ نوجوان چوڪري غربت کان تنگ اچي ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو اورنگي ٽائون سيڪٽر 16 پاڪستان بازار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

يوٽيليٽي اسٽورن تي اڄ کان رمضان رليف پيڪيج جي شروعات ٿي وئي

صارفين کي 19 شين تي 5 ارب رپين جي سبسڊي ڏني ويندي

عام صارفين کي 3 ارب 84 ڪروڙ رپين جو رليف ملندو

اسلام آباد (م د) يوٽيليٽي اسٽورز تي اڄ کان رمضان رليف پيڪيج جي شروعات ٿي رهي آهي يوٽيليٽي اسٽورز دستاويز موجب صارفين کي 19 شين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

Ministry of Federa
Teleschool Pakista
Digital Continuous
اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب دوران ڳالهائي رهيو آهي

آصف زرداري خلاف تڪراري بيان ڪيس: شيخ رشيد عدالت ۾ پيش

اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ شيخ رشيد طرفان اڳوڻي صدر آصف زرداري خلاف تڪراري بيان ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڇا شيخ رشيد خلاف ڪيس جو چالان اچي ويو آهي؟ (جج) شيخ خلاف ڪيس جو چالان عدالت ۾ جمع ٿي چڪو آهي: پراسيڪيوٽر

منهنجو وڪيل سپريم ڪورٽ ۾ آهي ان لاءِ عدالت ۾ پيش نٿو ٿي سگهي: شيخ رشيد

اسلام آباد (م د) عوامي مسلم ليگ جو سربراهه شيخ رشيد احمد اڳوڻي صدر آصف علي زرداري خلاف تڪراري بيان جي ڪيس ۾ عدالت ۾ پيش ٿي ويو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عوامي مسلم ليگ جو سربراهه شيخ رشيد

انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر سستو ٿي ويو

انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ 11 پئسا گهٽتائي ٿي

انٽربئنڪ ڪاروبار جي پڇاڙي تي ڊالر 283.92 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ آمريڪي ڊالر جي مقابلي ۾ روپئي جي قدر ۾ گهٽتائي ٿي آهي. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب انٽربئنڪ ۾ ڊالر/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سنڌ ڪابينا پاران رمضان کان اڳ هٽرادو مهانگائي تي ضابطي لاءِ سخت قدم کڻڻ جو فيصلو

ضلعي انتظاميه شين جا اگهه چيڪ ڪري ۽ مصنوعي مهانگائي تي ضابطو آڻي: مراد علي شاهه

ٻوڏ ۽ برسات جي ڪري سموري ملڪ ۾ غربت وڌي وئي آهي، اميد آهي ته واپاري به رمضان جي ٻلاري مهيني دوران شين جا اگهه گهٽ رکندا

مهانگائي تمام گهڻي آهي. هٽرادو مهانگائي تي ڪنٽرول ڪيو وڃي، سرندي وارا رمضان ۾ غريب ماڻهن جي مدد ڪن

ڪراچي(بيورو رپورٽ) سنڌ ڪابينا پاران رمضان کان اڳ هٽرادو مهانگائي تي ضابطي لاءِ سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي وڏي وزير مراد علي شاهه ڪابينا اجلاس جي صدارت ڪندي چيو ته ضلعي انتظاميه شين جا اگهه چيڪ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

حڪومت هلندڙ سال زڪوات جو نصاب جاري ڪري ڇڏيو

سال 2023 لاءِ زڪوات نصاب جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو

گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک 30 هزار رپيا رکندڙن جي زڪوات منها ڪئي ويندي

ڪراچي (م د) پاڪستاني حڪومت هلندڙ سال زڪوات جو نصاب جاري ڪري ڇڏيو آهي. جنهن موجب سيونگ اڪائونٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک 30 هزار روپيا رکندڙن جي زڪوات منها ڪئي ويندي. غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وزارت سال 2023 لاءِ زڪوات نصاب جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. جاري/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان آل پاڪستان نيوز پيپر سوسائٽي جي 22 رڪني وفد جي ملاقات

ملاقات ۾ صدر ناز آفرين سهگل لاکاڻي ۽ جنرل سيڪريٽري سيد سرمد علي مسئلن کان آگاهه ڪيو

رابطي جي بهترين ذريعن جي وڌندڙ مقبوليت ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

اخباري صنعت کي درپيش مسئلن بابت لاڳاپيل ادارن سان ڳالهائيندس: ڪامران خان ٽيسوري جي خاطري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري سان آل پاڪستان نيوز پيپر سوسائٽي جي 22 رڪني وفد گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ صدر ناز آفرين سهگل لاکاڻي ۽ جنرل سيڪريٽري سيد سرمد علي گورنر سنڌ کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

گلشن معمار عبدالله گبول ڳوٺ پرسان قديمي سروي نمبرن وارين زمينن تي قبضي جي ڪوشش

سروي نمبرن وارين زمينن تي قبضا مافيا جي ماڻهن جي اڪ زمينن تي قبضي جي ڪوشش خلاف احتجاج

ايس يو بي اڳواڻ غلام مصطفيٰ چانڊيو جي اڳواڻي ۾ رهواسين طرفان احتجاجي مظاهرو ڪري بک هڙتال ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهور) ڪراچي سروي نمبرن وارين زمينن تي قبضا مافيا جي گلشن معمار عبدالله گبول ڳوٺ پرسان قديمي ماڻهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

تنڊو محمد خان ميونسپل ايمپلائيز يونين اڳواڻ محمد صالح ڀٽي جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو

اديبن، دانشورن، سياسي پارٽين، ميونسپل آفيسرن، ميونسپل ملازمن ۽ واپارين شرڪت ڪئي

سڪندر علي ۽ ميونسپل ايمپلائيز يونين جي عهديدارن جي هر سال ورسي ملهائڻ جو اعلان ڪيو

تنڊو محمد خان (رپورٽ:مظفر علي بروهي) تنڊو محمد خان جي سياسي سماجي شخصيت ميونسپل ايمپلائيز يونين ميونسپل ڪميٽي ميونسپل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

غوثپور ويجهو پوليس جي جهڙتو مقابلي ۾ مارجي ويل 2 ڄڻن جي ڪيس جي جاچ شروع

عدالت سڳوري جي حڪم تي جاچ انڪوائري ڪرڻ لاءِ ايس پي سي ٽي ڊي سکر پهتو

شهر جي مختلف ماڻهن حاجي عبدالخالق ٿهيم، ثناءُالله اوڳاهي، محمد اسماعيل جا بيان رڪارڊ

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور. غوثپور ويجهو ڏيڍ مهينو اڳ پوليس جي جهڙتو مقابلي ۾ مارجي ويل غوثپور واسي ٻن پورهيتن اسد شيخ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

خانپورمهر پوليس جي ڳوٺ لونگ ڳڏاڻي تي چڙهائي، مبينا ڌوهارين جا 7 گهر ڊاهي پٽ

لونگ ڳڏاڻي تي چڙهائي ڪري گهرن مان مبينا ڦرلٽ ڪئي ۽ 7 گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا

نفري موبائلن ۽ بڪتربند گاڏين ۾ سوار ٿي چڙهائي ڪئي، جڏهن ته ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه آئي

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر پوليس جي ڳوٺ لونگ ڳڏاڻي تي چڙهائي، مبينا ڌوهارين جا 7 گهر ڊاهي پٽ. گرفتاري عمل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

جهانپور ۾ ٻارڙن کي تعليم ڏيندڙ استاد علي اڪبر شاهه جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو

استاد سيد علي اڪبر شاهه جي ياد ۾ علمي ۽ ادبي زندگي کي زبردست خراج عقيدت پيش

پ ٽ الف گهوٽڪي جي عهديدارن دين محمد مهر، عمران شاهه، بلال ملهڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي

آفتاب سميجو، معروف پتافي، ڪوڙو ملڪ، پرويز اختر، اظهر سومرو، استاد بلال، عمران شاهه شريڪ ٿيا

سرحد (رپورٽ:غلام عباس مهر) سموري ڄمار ٻارڙن کي تعليم ڏيندڙ استاد سيد علي اڪبر شاهه جي ياد ۾ جهانپور ۾ تعزيتي ميڙاڪو، سندس جي علمي ۽ ادبي زندگي کي زبردست خراج عقيدت پيش، استاد اڪبرشاهه، پنهنجي دور جو بهترين ۽ ايماندار استاد هو، ڊي اي او ايجوڪيشن زرينه چنه، خبرموجب زندگي جو گهڻو عرصو تعليم کاتي کي ارپيندڙ ۽ هزارين شاگردن کي تعليم جي زيور سان نوازيندڙ مرحوم استاد سيد علي اڪبر شاهه جي ياد ۾ استادن جي تنظيم پ ٽ الف تعلقي گهوٽڪي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

تعلقه پريس ڪلب واره جو اهم اجلاس، تعليم بجلي گئس واٽر سپلاءِ شهر ۾ صفائي ستھرائي نه ٿيڻ خلاف احتجاج

اجلاس ۾ بنيادي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ تعليم بجلي گئس واٽر سپلاءِ شهر ۾ صفائي ستھرائي نه ٿيڻ خلاف جدوجهد جو اعلان

سينيئر نائب صدر فقير بشير لطيفي، نائب صدر عبدالجبار ٿتيو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سميع الله ٻگهيو ۽ ٻين شرڪت

تمام اسڪيمون رولاڪي ۽ ڪرپشن جي ور چڙهيل آهن عوام پٿر جي دور واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي: طالب حسين چانڊيو

واره (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) واره تعلقه پريس ڪلب واره جي صدر طالب حسين چانڊيو پريس ڪلب واره جو هڪ اهم اجلاس تعلقه جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بدين ۾ همدم فائونڊيشن جي طرفان سورمي پروجيڪٽ جي افتتاحي تقريب منعقد

حڪومتي کاتن مقامي سماجي تنظيمن وڪيل برادري ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي

موسمياتي تبديلي جي ڪري پونڊڙ اثرن ۽ آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ عورتن کي خودمختيار ڪنداسين: اڳواڻ

موسمياتي تبديلي جا گهڻا اثر عورتن تي پون ٿا ۽ عورت جي صحت سماج جي صحت آهي: پروفيسر عبدالله ملاح

بدين (رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) همدم فائونڊيشن جي طرفان سورمي پروجيڪٽ جي افتتاحي تقريب جيم خانو بدين ۾ ٿي گذري جنهن ۾ حڪومتي کاتن مقامي سماجي تنظيمن وڪيل برادري ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي ان موقعي تي سي او همدم فائونڊيشن شرڪت علي سومرو چيو ته گورنمينٽ سان گڏجي همدم فائونڊيشن هن پروجيڪٽ ۾ عورتن جا ليبرشپ اسڪل ۽ موسمياتي تبديلي جي ڪري پونڊڙ اثرن ۽ آفتن کي منهن ڏيڻ لاءِ عورتن کي خودمختيار ڪندي ۽ صلاحيت پيدا ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڏندن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان دادو سول اسپتال ۾ تقريب منعقد

سينئر ڊينٽل سرجن دادو ڊاڪٽر منظور احمد هنگورو جي قيادت ۾ تقريب منعقد ٿي

ورلڊ هيلٿ ڪيئر ڏي جي حوالي سان ڊاڪٽر منظور احمد هنگورو ڊاڪٽر صدام سهاڳ شرڪت ڪئي

صفائي رکڻ انهن کي روزانو جي بنياد برش ڪرڻ سان انسان ٻين بيمارين کان محفوظ رهي سگهي ٿو: عملدار

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) ڏندن جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان دادو سول اسپتال ۾ ورلڊ ڊينٽل ڪيئر ڏي ملهايو ويو ان موقعي تي سينئر ڊينٽل سرجن دادو ڊاڪٽر منظور احمد هنگورو جي قيادت ۾ سول اسپتال جي ايم ايس ڊاڪٽر عبدالڪريم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

WORLD ORAL HEALTH DAY
20 MARCH 202
AWARNESS PROGRAM & WALK
PROUD
MOUTH

دادو: عالمي ڏينهن جي مناسبت سان دادو سول اسپتال ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

ميان آدم شاھ ڪلهوڙي جو 425 سالياني عرس جي موقعي تي ڪوڏي ڪوڏي مقابلو

سکر (رپورٽر) صوفي بزرگ آدم شاھ ڪلهوڙو جو 425 سالا عرس مبارڪ جي موقعي تي ميان جهانگير عباسي پاران سنڌ پنجاب جي ٽيمن ڪوڏي ڪوڏي راند ۾ حصو ورتو جنهن ۾ سخت مقابلي کان پوءِ سنڌ جي ڪامياب ٽيم جي رانديگرن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر مير محمد ڪلهوڙو ۽ مهمان خاص پاڪستان تحريڪ انصاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

جهنگلات جي عالمي ڏهاڙي تي نئون ديرو لڳ فاريسٽ ڊپارٽمينٽ پاران جشن بهاران منعقد

جشن بهاران جو افتتاح خاص مهمان ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو رابعه سيال زيتون جو وڻ پوکي ڪيو

ڪاليج جي شاگرديائڻين ۽ ٽيچرز پرنسپال عابد لاشاري، شائستا ڀٽو جي اڳواڻي ۾ شرڪت ڪئي

نئون ديرو (رپورٽر) جهنگلات جي عالمي ڏهاڙي تي نئون ديرو لڳ فاريسٽ ڊپارٽمينٽ لاڙڪاڻي پاران نيچر پارڪ ٻهمڻ پلاٽ ۾ جشن بهاران وڻڪاري مهم جو آغاز ڪيو ويو آهي جنهن جو افتتاح خاص مهمان ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو رابعه سيال زيتون جو وڻ پوکي ڪيو تقريب ۾ آءِ بي اي جي نگراني ۾ هلندڙ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪيهر جي شاگردن ۽ شاگرديائڻين ڪمپلائنس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي ۾ پير گاجي شاھ پوليس جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو

صحافي الطاف حسين شاهاڻي کي حق ۽ سچ جو آواز بلند ڪرڻ ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪراچي ايسٽ نيشنل پريس ڪلب آڏو صحافي الطاف حسين شاهاڻي جي پاران احتجاج ڪيو

جوابدار ڌمڪين تي لهي آيو ته اوهان خاموش رهو ٻي صورت ۾ اوهان کي نوڪري تان هٿ ڌوئڻو پوندو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ پير گاجي شاھ پوليس جي ظلمن خلاف احتجاج ڪيو ويو ايس ايڇ او پير گاجي شاھ علي گوهر لنڊ وريام ڀٻر سپاهي علي دوست صحافي الطاف حسين شاهاڻي کي حق ۽ سچ جو آواز بلند ڪرڻ تي ٿاڻي تي ويهاري هٿڪڙيون هڻي ڪيس سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو واقعي خلاف ڪراچي ايسٽ نيشنل پريس ڪلب آڏو صحافي الطاف حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي: پير گاجي شاھ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي

ٻلڙي شاھ ڪريم پرسان مسافر ڳوٺ وٽ ڪلٽس ڪار ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ ٽڪر

ٻلڙي شاھ ڪريم (رپورٽر) ٻلڙي شاھ ڪريم پرسان مسافر ڳوٺ وٽ سجاول وايا ٽنڊو محمد خان جي خوني روڊ تي ڪلٽس ڪار ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ تيز رفتاري سبب زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ مسمات رخسانا زال اسماعيل جلالاڻي منذار، انتظار علي، شاھ زين جلالاڻي، سميت 4 ڄڻا شديد زخمي ٿي پيا جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ڪلوئي لڳ ڳوٺ اٽاڌهو سومرا ۾ فرشتا فائونڊيشن طرفان رمضان پيڪيج جا 2 هزار راشن بيگس تقسيم

اٽاڌهو سومرا ۾ فرشتا فائونڊيشن طرفان جي سي اي او اڪبر فاروقي ۽ سڳا عرس سومرو پاران سامان تقسيم

زيب النسا ڪولاچي جي اڳواڻي ۾ فرشتا فائونڊيشن طرفان آيل ٻه هزار ماڻهن کي رمضان پيڪيج سامان جا بيگس ڏنا ويا

تقريب جي موقعي تي سڳا عرس سومرو جو صدر منور سومرو ۽ سليم سومرو ۽ سڳا ڪلوئي جو صدر ارباب اڪبر عادل پڻ گڏ هيا

ڪلوئي (رپورٽر) ڪلوئي لڳ ڳوٺ اٽاڌهو سومرا ۾ فرشتا فائونڊيشن طرفان غريب ٻه هزار ماڻهن کي رمضان پيڪيج جا ٻه هزار راشن بيگس ڏنا ويا خبر موجب ڪلوئي تعلقي جي ڳوٺ اٽاڌهو سومرا ۾ فرشتا فائونڊيشن طرفان جي سي اي او اڪبر فاروقي ۽ سڳا عرس سومرو ۽ سڳا پيڪرير ۽ سڳا صحت مرڪزي اڳواڻ ارباب خالد محمود ۽ ڊاڪٽر زيب النسا ڪولاچي جي اڳواڻي ۾ فرشتا فائونڊيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گهاري ۾ علماءِ ايڪشن ڪميٽي طرفان رمضان جي احترام جي نالي سان سيمينار منعقد

هر قسم جو احترام ڪرڻ ضروري آهي ڇو ته رمضان ۾ گهڻا ماڻهون روزيدار هوندا آهن: مولانا عبدالوهاب

اسلامي ملڪ هئڻ ڪري هر قسم جو احترام ڪرڻ گهرجي ۽ حڪومت جي ذميواري آهي ته انتظام ڪري

واپاري ايسوسيئيشن گهارو، عبدالحميد عمراڻي. گهارو پريس ڪلب جو صدر مختيار لاشاري ۽ ٻين خطاب ڪيو

گهارو (رپورٽ: بشام جوکيو) گهاري شهر ۾ علماء ايڪشن ڪميٽي طرفان رمضان جي احترام جي نالي سان ڪيفي شان تي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مولانا عبدالوهاب چيو ته رمضان المبارڪ ۾ هر قسم جو احترام ڪرڻ ضروري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

گهارو: علماء ايڪشن ڪميٽي طرفان رمضان جي احترام جي نالي سان سيمينار منعقد ڪيو ويو

دولت پور ويجهو ڳوٺ رسول بخش ڪوسو جي پيرسن همراھ جي قاتلن خلاف احتجاج

دولت پور صفن (رپورٽر) دولت پور ويجهو ڳوٺ رسول بخش ڪوسو جي مقتول 50 سالا هادي بخش ڪوسو جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن محمد سچڻ ڪوسو، علي مراد ڪوسو، ڊاڪٽر مير پنهل خان ڪوسو ۽ ٻين ميڊيا آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ۽ ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته 4 ڏينهن ٻهريان 50 سالا هادي بخش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

آبپاشي کاتي جي وزير پاران ايل بي او ڊي تي ٿهندڙ قدرتي ڍورن جي بحالي جو سنگ بنياد رکيو ويو

پاڻي جي قدرتي وهڪرن کي بحال ڪيو پيو وڃي، ايل بي او ڊي پنهنجي جاءِ تي وهندي رهندي: جام خان شورو

پهرين آر ڊي 251، ٽيون آر ڊي 239 ۽ چوٿون آر ڊي 210 هن چيو ته سمورا قدرتي وهڪرا شڪور ڍنڍ ۾ ڇوڙ ڪندا

هن پروجيڪٽ جي مڪمل ٿيڻ سان ايل بي او ڊي سان لاڳاپيل سمورا مسئلا حل ٿي ويندا: چيف انجنيئر ظريف کيڙو

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) سنڌ جي آبپاشي کاتي جي وزير جام خان شورو 5 بلين روپين جي لاڳت سان ايل بي او ڊي تي ٿهندڙ قدرتي ڍورن جي بحالي اسپائنل جي سائفن ۽ ريگيوليٽر جو سنگ بنياد رکي چڪو آهي ان موقعي تي ايل بي او ڊي آر ڊي 210 تي رکيل تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير چيو ته پاڻي جي قدرتي وهڪرن کي بحال ڪيو پيو وڃي هن چيو ته ايل بي او /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڪراچي گلستان جوهر ۾ سينئر صحافي غوث ٻگهيو جي سالگره تقريب

تقريب ۾ سياسي سماجي اڳواڻن سميت صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڊاڪٽر مدد علي ٻگهيو. ڊاڪٽر ممتاز بلوچ. شبير احمد ڀٽو. پروفيسر تاج الدين شريڪ

غوث ٻگهيو هر شعبي سان وابسته ماڻهن جي قلمي پورهئي سان خدمت ڪئي آهي: ساڃاھ وند

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر پنهوار) ڪراچي گلستان جوهر ۾ سينئر صحافي غوث ٻگهيو جي سالگره تقريب ملڪي گروپ ۽ نيشنل پريس ڪلب مليرطرفان ملهائي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن سميت صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان ڏس ۾ گلستان جوهر جي علائقي ڪامران چورنگي جي هڪ مقامي روايتي هوٽل ۾ صحافي ۽ سماجي سڌارڪ غوث ٻگهيو جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڪراچي: گلستان جوهر ۾ سينئر صحافي غوث ٻگهيو جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

ڊي سي لاڙڪاڻو پاران ذوالفقار علي ڀٽو جي 44 هين ورسي تيارين جي سلسلي ۾ اجلاس

اجلاس ۾ پوليس، صحت، سيپڪو لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ هيلٿ، ورڪس اينڊ سروسز عملدار شريڪ

حافظ مشتاق احمد ڪوريجو مزار جي ڪيئر ٽيڪر عبدالنبي لغاري، ٽيلي فون آفيسر ۽ ٻين پاران شرڪت

جنهن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪي به ڪم رهيل آهن: ڊپٽي ڪمشنر رابعه سيال

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود ڀٽو) قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 44 هين ورسي تيارين جي سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو رابعه سيال جي سربراهيءَ ۾ اجلاس ٿيو اجلاس ۾ پوليس، صحت، سيپڪو، لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ هيلٿ، ورڪس اينڊ سروسز، روڊس، ايجوڪيشن سميت مختلف کاتن جي عملدارن حافظ مشتاق احمد ڪوريجو مزار جي ڪيئر ٽيڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

ڏڙو پرسان پراسرار نموني باھ لڳڻ سبب 5 گهر سڙي رک، اختيارين کان واهر جي اپيل

باھ لڳڻ سبب 5 ڳوٺاڻن انور ماڇي، عبدالوهاب، رجب، نواز ۽ علي ماڇي جا گهر سڙي ويا

فائر برگيڊ جي سهولت نه هجڻ ڪري ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت باھ وسائڻ ۾ رڌل آهن

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو پرسان پراسرار باھ لڳڻ سبب 5 گهر سڙي رک. ڏڙو لڳ ڪانڌڙا مڊل اسڪول پرسان رهندڙ ماڇي برادري جي گهرن کي اوچتو باھ وڪوڙي وئي، باھ لڳڻ سبب 5 ڳوٺاڻن انور ماڇي، عبدالوهاب، رجب، نواز ۽ علي ماڇي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

گهارو پوليس جي ايس ايڇ او ممتاز بروهيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ گٽڪي خلاف ڪارروائي

ميربحر محلي ۾ عاشي خليفو ۽ نورو پليجو جي گٽڪي مائي جي ڪارخاني تي ڇاپو

پوليس مشين، استعمال ٿيندڙ سامان، ڊرم ۽ تيار مائي جون 2 هزار پڙيون برآمد ڪري ورتيون

گهارو (بشام جوکيو) گهارو پوليس جي ايس ايڇ او ممتاز بروهيءَ جي اڳواڻيءَ گٽڪي ماوي خلاف ڪارروائي ڪندي گهارو نمبر هڪ ۾ ميربحر محلي ۾ عاشي خليفو ۽ نورو پليجو جي گٽڪي مائي جي ڪارخاني تي ڇاپو هڻي هڪ عدد گٽڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

گهارو: ايس ايڇ او ممتاز بروهيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ گٽڪي خلاف ڪارروائي ڪئي وئي

محراب پور ۾ يونين آف جرنلسٽس تعلقه جو سالياني اجلاس، شموليت جا فارم ڀريا ويا

ضلعي صدر نوشهروفيروز يونين آف جرنلسٽس زاهد قائمخاني ۽ ٻين پاران تقريب ۾ شرڪت

مالياتي سيڪريٽري محمود الحسن جلالي، آفيس سيڪريٽري سرفراز ميمڻ ۽ ٻيا اڳواڻ شريڪ ٿيا

محرابپور (رپورٽ: مجاهد علي سامٽيو) محراب پور: يونين آف جرنلسٽس تعلقه محرابپور جو سالياني اجلاس پبلڪ لائبريري ۾ ٿي گذريو. اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سلطانپور ڪينٽ پوليس جي ڪارروائي چوري ٿيل سولر پليٽون هٿ، جوابدار گرفتار

چوري ٿي ويل سولر پليٽون ۽ چوري ڪندڙ جوابدار سليم الله قاضي کي گرفتار ڪري ورتو

ڳجهي اطلاع تي ڇاپو هڻي پليٽون چوري ڪندڙ سليم الله قاضي کي گرفتار ڪري ورتو: پوليس

سلطانپور (رپورٽ: قربان علي مهر) سلطانپور ڪينٽ پوليس جي ڪارروائي، ڪجھ ڏينهن ٻهريان اسڪراپ ڪاٽي جون چوري ٿيل سولر پليٽون ۽ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. ڪيس داخل تفصيل موجب ڪينٽ پوليس جي سلطانپور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

آل سنڌ آر او واٽر فلٽر پلانٽ ايمپلائيز ضلع دادو پاران احتجاجي مظاهرو

ملازمن اسلم پنهور، نظام ڪوسو، محمد بخش بروهي، جبار ڏهر ۽ ٻين مظاهرو ڪيو

محمد اسلم ڏاهري بنا جواز 71 ملازمن جون گذريل 10 مهينن کان پگهارون بند ڪري ڇڏيون: الزام

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) آل سنڌ آر او واٽر فلٽر پلانٽ ايمپلائيز ضلع دادو پاران آر او فلٽر پلانٽ تي ڪم ڪندڙ ملازمن جو 10 مهينن کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

دادو: آر او فلٽر پلانٽ جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

ٿرسٽين فورم ڪارونجهر جبل کي عالمي ثقافتي ورثو قرار ڏيڻ جي گهر ڪري ڇڏي

بند پيل گرلس ۽ بوائز اسڪولن کولڻ، زرعي ۽ ٽيڪنيڪل يونيورسٽيون قائم ڪرڻ جو مطالبو

ٽيڪنيڪل پروجيڪٽ ۽ وڻ لڳائڻ، قدرتي وسيلن جي مالڪي جو حق ۽ ليزن مقامي ماڻهن کي ڏيڻ جو مطالبو

اسلام آباد (رپورٽر) ٿرسٽين فورم ڪارونجهر جبل کي عالمي ثقافتي ورثو قرار ڏيڻ، پاڻي جي کوٽ ختم ڪرڻ لاءِ ڪئنال ڏيڻ، بند پيل گرلس ۽ بوائز اسڪولن کولڻ، زرعي ۽ ٽيڪنيڪل يونيورسٽيون قائم ڪرڻ، ڪوئلي تي مقامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ڊپٽي ڊائريڪٽر سکر پاران انسپيڪشن لاءِ سرحد جي مختلف نجي اسڪول جا دورا

سکر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر مختلف اسڪولن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو

مهيني اندر سڀئي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت، صحيح جواب ڏيندڙ شاگردن کي انعام ڏنا

سرحد (رپورٽ: غلام عباس مهر) ڊپٽي ڊائريڪٽر سکر پاران انسپيڪشن جي سلسلي ۾ سرحد جي مختلف نجي اسڪول جا دورا. اسڪولن جو رڪارڊ، ٻارن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو ورتو مختلف اسڪولن ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سرحد: ڊپٽي ڊائريڪٽر اسڪولز جي انسپيڪشن دوران شاگردن ۾ انعام ورهائيندي

آل پاڪستان پرائيويٽ اسڪولز ايسوسي ايشن ٺٽو سرڪل جو اجلاس

موجوده قوت موجب وچولي ۽ غريب طبقي کي معياري تعليم فراهم ڪندا آهيون: وفد

مقرر ڪيل ڏھ سيڪڙو مفت وظيفو، جنهن سان غريب طبقي جو احساس محرومي به ختم ٿيندي

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) آل پاڪستان پرائيويٽ اسڪولز ايسوسي ايشن ٺٽو سرڪل جو اجلاس سيد اظهر شاھ جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ سمورن عهديدارن ۽ ميمبرن شرڪت ڪئي، انهي موقعي تي تنظيم جي صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

شڪارپور سماجي ۽ ادبي فورم پاران ٽارو پور ۾ ميموريل لائبريريءَ جو افتتاح

اميد ته لائبريري فڪر جي ڦهلاءَ ۽ عوامي سڄاڳيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي: سجاده نشين

ماپي ۽ توري نه ٿو سگهجي ڇو ته علم ورهائڻ وارو ڪم ڪنهن وڏي اعزاز کان گهٽ نه آهي

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شڪارپور سماجي ۽ ادبي فورم پاران ٽارو پور ۾ آءِ سي ايل اين طرفان قائم ڪيل سردار احمد شاھ لکياري ميموريل لائبريريءَ جو افتتاح ڪيو ويو ان موقعي تي درگاھ احمد شاھ جي سجاده نشين محبوب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

دادو ۾ ڳوٺ هيرو خان ۾ همراھ جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاج

ايس ايڇ او قاتلن جا نالا ايف آءِ آر مان خارج ڪرڻ ۽ راجوڻي لاءِ ڌمڪائي رهيو آهي: وارث

ڳوٺ هيرو خان ۾ ڪٽڪ جي ديري تان 50 سالا پريو اوٺيرو جو گولي لڳل لاش مليو هو

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاج. ڏڙهن 20 ڏينهن اڳ ڪاڇي جي ڳوٺ هيرو خان ۾ ڪٽڪ جي ديري تان 50 سالا پريو اوٺيرو جو گولي لڳل لاش مليو هو. مقتول جي وارثن نظير اوٺيرو، غلام رسول، مسمات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

احتجاج احتجاج احتجاج
شهيد پريو اٿيرو
جا قاتل گرفتار ڪريو

دادو: ڳوٺ هيرو خان جا رهواسي پوليس ۽ ٻاٿرن خلاف احتجاج ڪندي

واره تعلقي ۾ آئيس ڪرسٽل جو واهپو ۽ وڪرو عام هجڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

لعلورائنڪ جي مقامي صحافي محرم چانڊيو پنهنجي معصوم ٻچڙن سميت احتجاجي مظاهرو ڪيو

هيروئن جو وڪرو ۽ واهپو عام هجڻ ڪري سوين نوجوان موت جي ور چڙهي ويا، نوجوان تباھ ٿي رهيا آهن

شهر ۾ پنج سو جي لڳ ڀڳ آئيس ڪرسٽل جا عادي نوجوان ذهني توازن وڃائي چڪا آهن، نوٽيس ورتو وڃي

واره (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) واره تعلقي ۾ آئيس ڪرسٽل جو واهپو ۽ وڪرو عام هجڻ خلاف مقامي صحافي جو معصوم ٻچڙن سميت احتجاج، پرسي لعلورائنڪ جي مقامي صحافي محرم چانڊيو پنهنجي معصوم ٻچڙن ٻٽ هوش محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

واره: آئيس ڪرسٽل جو واهپو ۽ وڪرو عام هجڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڄام صاحب ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران ڊجيٽل آدمشماري خلاف احتجاجي مظاهرو

ڄام صاحب (رپورٽر) ڄام صاحب ۾ قومي عوامي تحريڪ پاران ڊجيٽل آدمشماري، مهانگائي، بک ۽ بدحالي خلاف قومي عوامي تحريڪ ڪامريڊ ابراهيم ٻگٽي نسيم پل مير محمد منگي ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ قلندري پيٽرول پمپ کان نيشنل پريس ڪلب ڄام صاحب تائين پيادل مارچ ريلي ڪڍي وئي ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

پ پ پ بدين جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس، انتظامن جي حتمي شڪل ڏني وئي

44 ورسي ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع بدين طرفان هر سال جيان ڀرپور شرڪت ڪئي ويندي

سنگين بحران ۾ پيپلزپارٽي جي قيادت پاڪستان لاءِ پنهنجو ڪردار نڀائي رهي آهي: محمد رمضان چانڊيو

ٽنڊو باگو (رپورٽ: سهيل سمون) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع بدين جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس اڄ لنواري پيلس بدين تي ضلع بدين جي صدر حاجي محمد رمضان چانڊيو جي صدارت ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 44 هين ورسي ملهائڻ کي حتمي شڪل ڏني وئي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پارٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 44 ورسي ۾ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ سرسبز سنڌ خوشحال پاڪستان وڻڪاري مهم

سنڌ جي ماحولياتي آلودگي ۽ زيرزمين مٺي پاڻي جي قلت کي محسوس ڪري رهيا آهيون: عملدار

استادن، شاگردن ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن گڏجي ڪاليج ۾ وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪيو

پروفيسر غلام سرور عباسي اڳوڻو ڊائريڪٽر ڪاليجز سکر ريجن پڻ وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪيو

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو ۾ سرسبز سنڌ خوشحال پاڪستان وڻڪاري مهم جي حوالي سان ۽ سنڌ جي ماحولياتي آلودگي ۽ زير زمين مٺي پاڻي جي قلت کي محسوس ڪندي اڄ استادن، شاگردن ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن گڏجي ڪاليج ۾ وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪيو، جنهن ۾ انبن جا وڻ ۽ ليمن جا وڻ رکيا ويا. هن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دادو: استادن، شاگردن ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن گڏجي ڪاليج ۾ وڻڪاري مهم جو افتتاح ڪيو

ٻلڙي شاھ ڪريم ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط ۾ ڪٽوتي

ٻلڙي شاھ ڪريم (رپورٽر) ٻلڙي شاھ ڪريم ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط هلندي ئي ڊوائيسز هولڊر مستحق عورتن کي ٻنهين هٿن سان لٽڻ لڳا تفصيل موجب ٻلڙي شاھ ڪريم ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جو وظيفو حاصل ڪرڻ لاءِ ايندڙ مستحق عورتن جي تذليل سان گڏ ڊوائيس هولڊرز وڏي پئماني تي ناجائز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو باگو ۾ اسڪول جي مالڪي تان ڳاها ذات جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، عورتن سميت 6 ڄڻا زخمي

جهيڙي ۾ ڪهاڙين ۽ گولين لڳڻ ڪري ٻنهي ڌرين جا ٻن عورتن سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ٻي ڌر جي ٻن ڄڻن رمضان ڳاهو ۽ نور حسن ڳاهو مسمات حوا ۽ مسمات سگهڙ جي حالت خراب

40 کان وڌيڪ هٿيار بند گهرائي جهيڙو ڪري اسان کي ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪيو آهي: هڪ ڌر

ٽنڊو باگو (رپورٽ: سهيل سمون) ڳوٺ صديق ڳاهو ۾ اسڪول جي مالڪي تان ڳاها ذات جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ ڪهاڙين ۽ گولين لڳڻ ڪري ٻنهي ڌرين جا ٻن عورتن سميت 6 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين مان ٻن ڄڻن عارف جوڻيجو ۽ علي حسن ڳاهو کي پنگريو رورل هيلٿ سينٽر مان حيدرآباد ريفر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ٻي ڌر جي ٻن ڄڻن رمضان ڳاهو ۽ نور حسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٺٽي ۾ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ جي وفد پاران گڏجاڻي منعقد، انتظامي معاملن بابت بريفنگ

انسٽيٽيوٽ پاران 26 هين مڊ ڪيريئر مئنيجمينٽ ڪورس جي 37 آفيسرن تي مشتمل وفد جي گڏجاڻي منعقد ٿي

ٺٽو سنڌ جو قديم ۽ پرامن ضلعو هئڻ سان گڏ ماضي ۾ علم ۽ ادب جو مرڪز پڻ رهيو آهي: ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، شاھ مراد شيرازي، عبدالله شاھ اصحابي، ڄام نظام الدين سمون عرف ڄام نندو جون درگاهون آهن

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو جي صدارت هيٺ دربار هال مڪلي ۾ نيشنل انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ ڪوئيٽا پاران 36 هين مڊ ڪيريئر مئنيجمينٽ ڪورس جي 37 آفيسرن تي مشتمل وفد جي گڏجاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽو: نيشنل انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ جي وفد پاران گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي

نوشهروفيروز ۾ هرپاسي گٽرن جي گندي پاڻي جا تلاءُ بيٺل، مڇر جو آزار پڻ وڌي ويو

ڪافي ڏينهن کان گٽرن جو گندو پاڻي روڊ ۽ رستن تي بيهڻ سبب مڇر جو آزار پڻ وڌي ويو

مڇر کان بچاءَ کان اسپري جا پيسا پڻ کائي ويا هرپاسي پاڻي پاڻي ئي نظر اچي رهيو آهي: شهري

ڪيترن ئي محلن ۾ گٽرن جي مڪمل صفائي نه ٿيڻ سبب گٽرن، نالين جو ٻيهر ڪم ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز ۾ هرپاسي گٽرن جي گندي پاڻي جا تلاءُ بيٺل آهن ميونسپل انتظاميا جي نااهلي سبب شهري پريشان نوشهرو فيروز ۾ ڪافي ڏينهن کان گٽرن جو گندو پاڻي روڊ ۽ رستن تي بيهڻ سبب مڇر جو آزار پڻ وڌي ويو آهي مڇر کان بچاءَ کان اسپري جا پيسا پڻ کائي ويا هر پاسي پاڻي ئي نظر ايندي جنهن سبب اسڪول جي ٻارڙن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڏڙو ۾ بدامني جو راڪاس، هٿيار بند هول سيل جي واپاري کان 6 لک روپيا ڦري ويا

دوڪان ٽوڙي 3 3 لک روپين کان وڌيڪ چوري ڪري ويا، شهري ۽ واپاري روڊن تي اچي ويا

ٽيڪسي اسٽاپ پرسان واپاري سليمان سومرو جي دوڪان مان لڳل 3 لک روپين جي چوري ٿي

شهر ۾ ڌوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪري شهرين کي امن فراهم ڪيو وڃي: واپاري اڳواڻ

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ بدامني جو راڪاس.! هٿيار بند هول سيل جي واپاري کان 6 لک روپيا ڦر ڪرڻ بعد شهري جو دوڪان ٽوڙي 3 لک روپين کان وڌيڪ به چوري ڪري ويا. بدامني خلاف ڏڙو جا شهري ۽ واپاري روڊن تي اچي ويا، احتجاج، 6 ڪلاڪن تائين شٽر بند هڙتال، ڪاروبار بند، ڏڙو پوليس انتظاميا خلاف نعريبازي، تفصيل موجب ڏڙو شهر ۾ چورين ۽ ڦرون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ڏڙو: بدامني سبب چور دوڪان ٽوڙي 3 3 لک روپين کان وڌيڪ چوري ڪرڻ خلاف شهري ۽ واپاري احتجاج ڪندي

هالاڻي پريس ڪلب پاران شاعر اديب اقبال احمد ڳاڌهي سان سرهي شام ملهائي وئي

تقريب ۾ سياسي سماجي- ادبي- وڪيلن ۽ معزز شهرين مولا بخش ٽيهو ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ننڍپڻ کان ئي اقبال بااخلاق باادب ۽ درگذر ڳالهيون ڪندڙ انسان هوندو هو: مولا بخش ٽيهو- غلام محمد

سرهي شام جي پروگرام جي ڪمپيئرنگ صحافي ساحل ماجد سمون ڪري ويٺلن جون دليون موهي وڌيون

محرابپور (رپورٽ: مجاهد علي سامٽيو) هالاڻي پريس ڪلب پاران شاعر اديب ليکڪ ۽ صحافي اقبال احمد ڳاڌهي سان تاج محل شادي هال ۾ سرهي شام ملهائي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي ادبي وڪيلن ۽ معزز شهرين جن ۾ مولا بخش ٽيهو غلام محمد زرگر سيد زاهد علي شاھ استاد عبدالمجيد ظفر ٽگڙ مسرور راڄپر طاهر ٽانگراج سيد آڪاش شاھ قيوم ميمڻ رزاق لاشاري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 22 مارچ 2023ع

اغوا ٿي ويل سنڌ جي امن کي ’بازياب‘ ڪرايو!

هونئن ته سنڌ جي اترئين حصي جي اڌ درجن کان مٿي ضلعن جي امن امان جي صورتحال ڏسي ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڄڻ اهي سنڌ جي منتظمين جي انتظامي ذميواريءَ کان ئي ٻاهر هجن. انهن ضلعن مان به شڪارپور ضلعي جي ته ڳالهه ئي ”اور“ آهي. بدامني، خوني تڪرارن، ڀُنگ خاطر اغوا جي گهٽنائين وارداتن سبب شڪارپور ضلعي جو تعارف ته ”انساني شڪارگاهه“ وارو جڙڻ جي واٽ وٺي چڪو آهي. هاڻي ته سکر، گهوٽڪي، جيڪب آباد، ڪشمور_ ڪنڌڪوٽ ۽ ٻيا ضلعا شڪارپور سان ڪُلهي_ گس ڪرڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪري رهيا آهن. جنهن جو تازو مثال انهن ضلعن ۾ ڀُنگ خاطر اغوا جون وڌندڙ وارداتون آهن. چنيوٽ مان شاديءَ جي ڪاج جو آسرو ڏئي رائونٽيءَ جي ڪچي واري علائقي ۾ گهرائي اغوا ڪيل 9 دهلاري بازياب ته ٿيا آهن، پر دهلارين پاران 40 لک رپيا ڀُنگ ڀرڻ جو اعتراف ڪيو ويو آهي. گهوٽڪي پوليس مغوين کي آپريشن دوران بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ۽ گهوٽڪي جو پوليس ڪماني نڪ جي پڪائيءَ سان ”ڪامياب ڪارروائي“ ڪري مغوين کي بازياب ڪرائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. تنگواڻي ٿاڻي جي حد انڊس هاءِ وي تي پوليس ڪانوائي دوران هٿياربند ٽرڪ تان ٿل واسي ٻن ڀائرن سميت 3 ڄڻن کي اغوا ڪري ويا آهن، ۽ هٿياربندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو زخمي پڻ ٿي پيو آهي. ٽن ڏينهن ۾ مغوين جو تعداد وڌي 6 ٿي ويو آهي. پنو عاقل مان ٻه مهينا اڳ اغوا ٿيل ٻه مغوي اڃان تائين بازياب ڪرائڻ جي پوليس ضرورت محسوس نه ڪئي آهي، شايد پوليس کي انتظار آهي ته مغوين جي وارثن ۽ ڌاڙيلن جي وچ ۾ ”ڊيل“ ٿي وڃي ۽ پوليس جو ڪم سهل ٿي پوي.

ميڊيا کي سماج جي آرسي سمجهيو وڃي ٿو، جنهن آرسيءَ ۾ گورننس جو حقيقي چهرو نظر ايندو آهي. هن وقت اهو چهرو ايترو ته هيبتناڪ آهي، جو ان لقاءَ تي نظر پوندي ئي ڪنبڻي وٺيو وڃي. جڏهن ماڻهو دانهون ڪن ٿا ته منتظمين اهو چوندي دير ئي نٿا ڪن ته جمهوريت جي خلاف سازش ٿي رهي آهي! جمهوريت جي خلاف سازش ته اهي قوتون ڪري رهيون آهن، جن جو بدامنيءَ جي ايڪسيليٽر تي پير آهي. سنڌ جا منتظمين ته ’احسن ڪارڪردگيءَ‘ واري سحر ۾ ايترا ته مسحور آهن، جو انهن کي اها ايڏي وڏي ڪوتاهي ۽ لاتعلقي نظرئي نٿي اچي. عوامي دٻاءَ ۽ دانهن تي انهن ٽن ضلعن ۾ آپريشن جو اعلان ته ڪيو هو، پر اهو اعلان عمل جي واٽ وٺي نه سگهيو آهي. ڀيو ته نغارا وڄائي آپريشن ڪيو ويندو ته ڇا اهي ڌاڙيل اتي موجود هوندا؟ اسان اڳ به هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چئي چڪا آهيون ته ڪچي جي ڌاڙيلن خلاف آپريشن سان گڏوگڏ ”پڪي جي ڌاڙيلن“ خلاف به آپريشن ڪيو وڃي. ڌاڙيلن کي تحفظ جي ڇٽي مهيا ڪندڙ اعليٰ اختياراتي ايوانن ۾ موجود سهولتڪارن ۾ به، قطع نظر انهن جي سياسي وابستگيءَ جي، هٿ وڌو وڃي. جيڪي ضلعن ۾ پنهنجو جاهه ۽ جلال، ڌاڪ ۽ دٻدٻو رکڻ لاءِ ضلعن جا پوليس ڪماني به پنهنجي مرضيءَ موجب مقرر ڪرائين ٿا. اسان سمجهون ٿا ته اهي ئي ڌوهارين جي ’لائيف لائين‘ آهن. ڌوهن جي ديوَ جو ساهه ان ئي طوطي (ڀوتارڪي خلق، جرڳائي سردارن، سفيد پوش سهولتڪارن) ۾ آهي. ان سان گڏوگڏ ڳرن هٿيارن جي پهچ ۽ رسائيءَ جا گهٽ گهيڙ بند ڪيا وڃن. جڏهن به سنڌ جي امن امان جي ذميواري پوري ڪرڻ ۽ پوليس کي فعال ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته چيو وڃي ٿو ته، اهو سڀ ڪجهه پوليس ۾ ڪارين رڍن جي موجودگيءَ جي ڪري ٿي رهيو آهي. سوال اهو آهي ته انهن ڪارين رڍن کي ڌڻ مان ڌار ڪرڻ ۾ ڪهڙي ڏکيائي آهي؟ ڇا سڄو ڌڻ ئي ڪارو آهي؟ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ ۾ هڪ ئي وقت، فوج، رينجرز ۽ پوليس جي مدد سان ڀرپور آپريشن ڪيو وڃي، صرف ڳالهيون نه ڪيون وڃن. ڇو ته رڳو ماڻهوئي اغوا نه ٿيا آهن، سنڌ جو امن به اغوا ٿي ويو آهي، جنهن کي ترت بازياب ڪرائڻ جي ضرورت آهي.

NICVD، پبلڪ هيلٿ، ۽ عوام سان وعدو

آصفه ڀٽو زرداري



عوام کي صحت جون مفت سهولتون فراهم ڪرڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جي منشور جو بنيادي ستون آهي. سنڌ ۾ جتي پيپلز پارٽي جي حڪومت آهي. صحت جي شعبي ۾ ترقي ان عزم جو ثبوت آهي ۽ هن شعبي ۾ ڪاميابي بي مثال رهي آهي. ڪارڊڪ ڪيئر هجي، جگر ۽ گردن جي پوندڪاري هجي، يا وقت کان اڳ ڄمڻ ۽ نون ڄاول ٻار جي سنڀال ذريعي ٻارن جي موت جي شرح کي گهٽائڻ هجي. پيپلز پارٽي سيني لاءِ مفت معياري صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ سڀ کان اڳتي آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ حڪومت تحت، نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊيزيز (NICVD) کي هڪ مضبوط ترين ڪارڊيڪ نيٽ ورڪ مان هڪ ڪيو ويو آهي. هي دنيا ۾ سڀ کان وڏي نيٽ ورڪ طور موجود آهي. جيڪو سنڌ جي 22 ضلعن ۾ 10 اسپتالن ۽ 24 چيسٽ ڊيزيز يونٽن تائين پکڙيل آهي. سنڌ جي ڏهن اسپتالن جن ۾ ڪراچي، ٽنڊو محمد خان، حيدرآباد، سيوهڻ، لاڙڪاڻو سکر، نواب شاهه، مٺي ۽ خيرپور شامل آهن. پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي جي علائقي لانڍي ۾ هڪ ٻي اسپتال جو پيڙهه جو پٿر رکي ڇڏيو ذوالفقار علي ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف ڪارڊيو ويسڪولر ڊيزيز 1200 بسترن تي مشتمل دنيا جي سڀ کان وڏي دل جي اسپتال بڻجڻ وارو آهي. ڪيترائي مخالف پيپلز پارٽيءَ جي محنت ۽ ڪاميابين کي داغدار ڪن ٿا ۽ اهو ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن ته صحت جو شعبو تباهيءَ جو شڪار آهي. انهن دعوائن جي ابتڙ، سڄي سنڌ ۾ ڪارڊيڪ نيٽ ورڪ قائم ڪيو ويو آهي، ان تي ڌيان ڏنو ويو آهي ته صرف چند شهرن ۾ نه پر سڄي صوبي ۾ دل جي علاج جون مفت سهولتون فراهم ڪيون وڃن. پاڪستان پيپلزپارٽي ۽ بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت جي محنت سان پرڏيهه ۾ هزارين ڊالرن جي لاڳت سان علاج کي مفت ۽ دستياب بڻائي ڇڏيو آهي. Angioplasty هڪ لازمي طبي طريقو آهي جيڪو دل ۾ بند ٿيل يا تنگ رت جي رستن جي علاج لاءِ استعمال ٿيندو آهي ۽ عام طور تي ڪورونري شريان جي بيماري لاءِ استعمال ٿيندو آهي. جيڪو تڏهن ٿيندو آهي جڏهن شريانن ۾ رت ڄمي ويندي آهي، جنهن سان دل ڏانهن رت جي وهڪري ۾ گهٽتائي ٿئي ٿي ۽ سيني ۾ درد يا دل جي حملي جو امڪاني طور تي موت واقع ٿئي ٿو. پرڏيهه ۾ ان طريقيڪار جي قيمت $ 11,000 کان $ 30,000 يا وڌيڪ جي حد تائين ٿي سگهي ٿي. UAE ۾ ان طريقيڪار جي سراسري قيمت هڪ اسٽنٽ جي لاءِ AED 45,000 تائين ٿي سگهي ٿي، جنهن تي AED 15,000 في اضافي اسٽنٽ واڌارو ٿي سگهي ٿو. اهو دليل ڏئي سگهجي ٿو ته بين الاقوامي اسپتالن سان مقابلو ڇو ڪيو وڃي ۽ نه خانگي اسپتالن سان ان جو سبب رڳو اهو آهي ته سڄي سنڌ ۾ NICVDs ۾ موجود طريقيڪار ۽ سار سنڀال جو معيار بين الاقوامي معيارن جي مقابلي ۾ آهي، صرف گذريل 5 سالن ۾ سنڌ جي NICVDs ۾ 100,000 کان وڌيڪ پرائمري اينجيوپلاسٽيون ۽ 25,000 کان وڌيڪ دل جون سرجريون ڪيون ويون آهن. 2021 کان پوءِ، NICVD فالج جي حملي جي صورت ۾ اضافي طبي سهولتون پڻ فراهم ڪيون آهن. جيڪي پاڪستان جي سرڪاري اسپتالن ۾ هي پهريون پيرو آهي ۽ 100 کان وڌيڪ ڪامياب فالج جي مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. NICVD نه رڳو سنڌ جي ماڻهن جي طبي ضرورتن کي پورو ڪري ٿو پر سيني ماڻهن کي بنا ڪنهن فرق جي مفت معياري صحت جون سهولتون فراهم ڪري ٿو. چاهي هو ڪٿان جو به هجي. هر سال سنڌ کان علاوه ٻين صوبن مان به مريضن جو انگ وڌي رهيو آهي. چوته NICVD بنا ڪنهن فرق جي مفت علاج فراهم ڪري ٿي. صرف گذريل ٽن سالن ۾، سڄي پاڪستان مان 800,000 کان وڌيڪ مريضن جو (سنڌ کان سواءِ) NICVD ۾ علاج ڪيو ويو آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ ان جي قيادت تي بدنيتي تي ٻڌل لڳايل ڪوڙن الزامن جي باوجود صورتحال جي حقيقت اها آهي ته پيپلز پارٽي ئي واحد پارٽي آهي جنهن پاڪستان ۾ اهڙن انقلابي علاج جا مرڪز قائم ڪيا آهن. پيپلز پارٽي ۽ ان جي سنڌ حڪومت سرڪاري اسپتالن کي بهتر بڻائڻ تي يقين رکي ٿي ۽ اڄ دل، جگر، گردي ۽ ٻارن جون بهترين اسپتالون قائم ڪرڻ تي فخر محسوس ڪري ٿي. هي اسپتال ڪنهن هڪ شهر تائين محدود ناهي هي صوبي جي مختلف ضلعن ۾ پکڙيل آهن. عوام جي در تي مفت، معياري صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ پاڪستان پيپلز پارٽي جو مشن آهي. گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس خيرپور ۾ جگر، گردي، بون ميرو ۽ ڪينسر جو مفت علاج. يا سڄي سنڌ ۾ چائلڊ لائيف اسپتالن جو قيام. يا ڪراچي ۾ JPMC سائبر نائف روبوٽڪ ريڊيو سرجري جي ذريعي ڪينسر جي علاج جنهن جو دائرو، دماغ، مٿي، ڳچيءَ ۽ اسپائن تائين آهي جيڪو ڪراچي پاڪستان ۾ مفت ۾ دستياب آهي. جنهن جي پرڏيهه ۾ قيمت 60,000 ڊالر کان 90,000 ڊالر تائين آهي. حقيقت اها آهي ته صرف پاڪستان پيپلز پارٽي واحد پارٽي آهي جيڪا بنا ڪنهن مذهب، ذات ۽ نسل جي پاڪستاني عوام جي خدمت ڪرڻ جو عزم رکي ٿي.

> **سڄي سنڌ ۾ NICVDs ۾ موجود طريقيڪار ۽ سار سنڀال جو معيار بين الاقوامي معيارن جي مقابلي ۾ آهي، صرف گذريل 5 سالن ۾ سنڌ جي NICVDs ۾ 100,000 کان وڌيڪ پرائمري اينجيوپلاسٽيون ۽ 25,000 کان وڌيڪ دل جون سرجريون ڪيون ويون آهن. 2021 کان پوءِ، NICVD فالج جي حملي جي صورت ۾ اضافي طبي سهولتون پڻ فراهم ڪيون آهن. جيڪي پاڪستان جي سرڪاري اسپتالن ۾ هي پهريون پيرو آهي ۽ 100 کان وڌيڪ ڪامياب فالج جي مريضن کي طبي سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. NICVD نه رڳو سنڌ جي ماڻهن جي طبي ضرورتن کي پورو ڪري ٿو پر سيني ماڻهن کي بنا ڪنهن فرق جي مفت معياري صحت جون سهولتون فراهم ڪري ٿو. چاهي هو ڪٿان جو به هجي. هر سال سنڌ کان علاوه ٻين صوبن مان به مريضن جو انگ وڌي رهيو آهي**

صوفِي لاڪوفِي، ڪونَ پانئيس ڪيُرَ؛
منجهيان ئِي مَنجِهه وڙهي، پڌر ناهِس پيُرَ؛
جنين ساڻس ويُرَ، تئي تنين جو واهَرُو.

خيام خيالي ڪوڏوءَ جي ڪٽڪ ۽ موسم جو احوال

خيام

ڪالهه منهنجو دوست ڪوڏو ڀنگ جا ٻه ڄمن پري پيئڻ کانپوءِ منجهند جو ٻين وڳي اُس ۾ مٿي منهن ڪريو ستو پيو هو سندس لسي ترڙ تان پکڙجون توتارين ائين پئي هليون، جڻ ته کهاري واري واٽر پارڪ جي ترڪڻ تان پاڻي هيٺ لهندو هجي. مون اتان گذرندي ويجهو وڃي سلام ورايو ته جواب ڏنائين، ”مون سان نه ڳالهاءِ، مان توکي گهڻو سڃاڻي ويو آهيان“. مون چيس، ”ڪوڏا! خير ته آهي؟ مون تي ڇو چڙيو آهين؟ پرچڻ ته پنهنجي جاءِ تي، ائين اُس ۾ مٿي منهن ڪري سمهڻ جو ڇا مطلب آهي؟“ چيائين، ”نياڳا ڏسين نه ٿو مان ’موشميات‘ جي تازترين رپورٽ وٺي رهيو آهيان! هينئر منهنجو ريڊار فٽ ٿيل آهي ۽ مون سان ڪا به ڳالهه ٻولڻ ڪرڻ جي ڪوشش به نه ڪجانءِ“. مان حيران ٿي ويس ته ڪٿي مون وارو يار ڪوڏل ڪٿي ايلون مسڪ جو هڪ سئو اسي سيٽلائيٽس وارو پروجيڪٽ! جيڪو هن وقت تائين سٺ تارن جي قطار ناهي آسمان مان گذري ٿو ته پاڻ وارا ماروئڙا ان کي قلندر جا پانڌيئڙا سمجهي پاٿهون ٻڌي ڪيڪار ڪندا آهن. پر هينئر ڪوڏو اهي ٽيشٽون ڪيئن پيو ڪٽي. جن سان هن جي فريڪوئنسي ئي نه پئي ملي. خير مون کي ڪا ڳالهه آئڙي ڪانه ۽ اجايل ڪير وانگر واٽ ڦاڙي مان ڪيڏي مهل هن ڏي پيو ڏسان. ڪيڏي مهل آسمان ڏي پيو ڏسان ته هن وقت هيءُ فقير ڪهڙي سيٽلائيٽ کان سگنل وٺي رهيو هو ايتري ۾ مونکي ياد آيو ته ٽيون ڏينهن هن مونکان پڇيو هو ته، ڏي خبر موبائل ۾ ڏسي ٻڌاءِ ته مينهن ڪڏهن، ڪيترو ۽ ڪهڙي قسم جو وسندو. مون وارو ڪري پنهنجي موبائل ۾ اسڪرين تي ٺهيل موسم واري نقشي کي ڏسي ڪيس ٻڌايو هو ته ايندڙ هفتي تائين ڪوبه مينهن جو امڪان ڪونهي. منهنجي يار جون واڇون ڪنن تائين ٽڙي ويون ۽ چيو هٽائين، ”معنيٰ هن هفتي مان پلي لاهور ۾ موجڙا مار تحريڪ ۾ حصو وٺي اچان نه!“ مون پڇيس ڇو؟ لاهور جي موجڙا مار تحريڪ سان مينهن جو ڪهڙو تعلق؟ چيائين، ”اڙي جهاڳا! مون هن ڀيري ڀهريون چڪر پوٽا به ايڪڙ ڪٽڪ ڪاهي آهي. پوٽن ٻن ايڪڙن ڪٽڪ جو ٻج، پاڻ ڏوائون، هر ۽ ٻيو خرچ ملائي سلائي ستر هزار ٿي ويو آهي. هاڻي ڪٽڪ پچي تيار ٿي آهي ته چون ٿا مينهن وسندو. هاڻي مان ان مُونجهه ۾ آهيان ته مان مينهن کان اڳ ۾ لاٻارو ڪريان يا لاهور جي موجڙا مار تحريڪ ۾ حصو وٺي پنهنجي قوم تي قرض چاڙهيان. هاڻي تون جو چوين ٿو ته هفتي کن تائين مينهن جو ڪو به امڪان ڪونهي. ته مان پنهنجي ميڊم سان گڏجي لاهور مان لنيون ڪائي موٽي ٿو اچان.“ هو لاهور وڃڻ لاءِ ايترو ته پرجوش ٿي ويو جو منهنجي ڪا ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ئي نه هو ۽ ٽپ ڪڏ ڏيندو پري پڄي ويو. مونکي اها اچي گهر خبر پئي ته مار پوي مهانگائيءَ کي! مون واري موبائل جو انٽرنيٽ پيڪيج ڪو هفتو کن اڳ ۾ کپي ويو هو ان ڪري ان وقت مونکي هفتو اڳ واري رپورٽ ٻڌايائين. مون ته پنهنجي ڏيءَ جي ڪڪڙ وڪڻي پيڪيج ڪرائي ورتو پر هاڻي ڪوڏوءَ کي ڪيئن ٻڌايان ها!! پوءِ مونکان به ڳالهه وسري وئي ۽ پنهنجي ڪمن ڪارين لڳي ويس. ٿيو ائين جو ٽيون ڏينهن شام ڪوڏو جيئن ئي پنهنجي ميڊم کي ساڻ ڪري چنگچي ڀاڙي تي ڪرائي ريلوي اسٽيشن لاءِ روانو ٿيو ته واٽ تي اهڙو ته طوفان ۽ ڳڙي سان مينهن اچي وسيو جو ڪوڏو چنگچيءَ ۽ ميڊم کي اڪيلو ڇڏي اچي پنهنجي ٻنيءَ تي پهتو پر تيستائين سندس ڪٽڪ سان اهڙو حشر ٿي چڪو هو جڻ ته ڪٽڪ نه هجي پر سوئرن جي لتاڙيل ٻني هجي. ان ڏينهن کان ڪوڏوءَ ڀنگ جو ٻوز پيٽو ڪري ڇڏيو ۽ مسلسل احتجاج تي ستو پيو هو. هن جو احتجاج مون سميت سائنس جي سيني مريدن سان هو ته ايتري ترقي ڪرڻ جي باوجود به اسان اڃان تائين صحيح اڳڪٿي ڪونه ڪري سگهيا آهيون ته ڪهڙي ڏينهن، ڪيترو ۽ ڪهڙي قسم جو مينهن وسندو!! ان ڪري هاڻي هو آسمان مان پنهنجي ذاتي خرچ تي جوڙيل سيٽلائيٽ ذريعي موسم جو حال احوال وٺي رهيو هو مون کيس ريجهائيندي چيو ته. ڪوڏا چڏ ضد هاڻي، توکي ائين ڪيئن پنگ جي نشي ۾ خبر پوندي ته ڪڏهن مينهن وسندو. اهو به ڪيترو ۽ ڪهڙي قسم جو!! جنهن تي هن ورائيو ته، ’موشميات‘ وارا ڪهڙي پنگ ٿا پيئن جو صحيح خبر ته هنن کي به ڪونه ٿي پوي!! ٻڌائين ٿا هڪڙو ۽ ٿئي ٿو ٻيو! مون کيس ٻڌايو ته اصل ۾ ڏوهه موسميات وارن جو ڪونهي. هنن کي به تيزيءَ سان بدلجندڙ موسمي ڦير گهير سمجهه ۾ ڪانه ٿي اچي. اصل ۾ دنيا اندر وڌندڙ گرمي پد جي ڪري موسمي واڀو منڊل ايترو ته بگاڙ جو شڪار ٿي ويو آهي جو جون ۽ جولاءِ واري گرمي هاڻي اپريل ۽ مئي ۾ ٿئي ٿي. اڳي جيڪا ڊسمبر ۽ جنوري ۾ سردي ٿيندي هئي، اها ڪيڏي مهل نومبر ۾ ٿي ٿئي ته ڪيڏي مهل فيبروريءَ ۾. هاڻي سرءُ ۽ بهار جون موسمون ته مڳهين رهيون ئي ناهن. باقي مينهن ۽ پارا ائين ٿا پون جو ان جي ڪنهن کي به خبر ڪانه ٿي پوي!! ايتري تقرير ٻڌي، ڪوڏوءَ ورائيو ته پوءِ مطلب پاڻ وارا سڀ همراهه مون وانگر منهن مٿي ڪريو هوائي سيٽلائيٽ مان پيا سگنل وٺن! مون کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته اصل ۾ اهو ڏوهه ڏاڍن ملڪن جو آهي، جن جي ڪارخانن مان نڪرندڙ دونهن ايتري ته فضائي ۽ آبي گدلاڻ ڪري ڇڏي آهي، جو قدرتي تپي ٽامو ٻڻجي وئي آهي. هاڻي ايندڙ ڪجهه هزار سالن کان پوءِ هيءُ گولوزندگيءَ کي اڳتي ڪئي نه هلي سگهندو.

بقايا *** 01

نقصان پهچايو 18 مارچ تي زمان پارڪ آپريشن قانون جي ابتڙ ڪيو ويو. بنيادي حقن ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جي 17 مارچ وارن حڪمن جي پڇڪڙي ڪئي وئي. عدالت لاڳاپيل ڌرين خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪري. ٻڌڻي دوران عمران خان روسٽرم تي اچي چيو ته منهنجي گهر جا شيشا ٽوڙيا ويا، منهنجي زال گهر ۾ هئي. اها پرديدار عورت آهي. آن جي رڙين جا آواز ڪيمرا ۾ موجود آهن. چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو ويو. منهنجي 5 گارڊز کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ تشدد جو نشانو بنايو ويو. اڄ مان لڪي عدالت ۾ پهتو آهيان ان گاڏي ۾ آيو آهيان جنهن کي ڪير به نٿو سڃاڻي، اڄ مان بنا ڪنهن قافلي جي پهتو آهيان. ٻڌڻي دوران جسٽس طارق سليم شيخ ريمارڪس ڏنا ته ميڊيا تي ويهي جيڪي عدليه سان مذاق ڪري رهيا آهن انهن جي خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪندس. جيڪڏهن سمورين ڌرين عدليه جي عزت نه ڪئي ته پوءِ توهين عدالت جي ڪارروائي ٿيندي. اسان قانون موجب ڪارروائي ڪندا آهيون ۽ اسان صرف قانون جي ڳالهه ڪندا آهيون. عدالت سرڪاري وڪيل کي زمان پارڪ آپريشن بابت هدايتون وٺي پيش ٿيڻ جي هدايت ڪندي آءِ جي پنجاب سميت ٻين ڌرين کان جواب طلب ڪري ورتو جنهن کان پوءِ ڪيس جي ٻڌڻي اڱاري تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا *** 02

سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس عمر عطا بنديال نه مينج ٿيندو آهي ۽ نه ئي ان بابت ائين چئي سگهجي ٿو. ان سان گڏ ٻه ججن آهن. منيب اختر ۽ اعجاز الاحسن. انهن جي سڄي ذميواري مظاهر نقوي صاحب ڪئي آهي. مظاهر نقوي صاحب جو بيڪ گرائونڊ اهو آهي ته ان جا ٻه پٽ آهن. ٻئي ان جا فرنٽ مين آهن. ته اهي هر غلط ڪم ۾ مبتلا آهن. ڪرپشن ڪندا آهن. صبح کان رات تائين ڪرپشن ڪندا آهن. ته پي ٽي آءِ ۽ چوڌري صاحب به انهن بابت چوندا آهن ته اهي اسان جو عدالتن ۾ به خيال ڪندا آهن. فيصلا اسان جي حق ۾ ڏيارينڊا آهن ته انهن جو ڪم رڪجڻ نه گهرجي. اهي ٽرانسفر، پوسٽنگ هر ڪم ۾ پئسو ڪمائيندا آهن ۽ سٺو پئسو ڪمائي رهيا آهن

بقايا *** 03

وزير اطلاعات شرجيل انعام ميمڻ، قانون واري صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب سان گڏ ڪابينا جي فيصلن بابت سنڌ اسيمبلي جي ڪميٽي روم ۾ ميڊيا بريفنگ ڪندي ٻڌائي. هن چيو ته هي ريليف بي آءِ ايس پي ۽ حبيب بينڪ جي ذريعي حقدارن تائين پهچائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. شهري 8171 تي پنهنجو قومي شناختي ڪارڊ نمبر موڪلي ڪري ان جي تصديق ڪري سگهن ٿا، جيڪڏهن سمجهي ٿو ته هو حقدار آهي ۽ ان جو ڊيٽا ۾ نالو شامل ناهي ته ويجهي بي آءِ ايس پي مرڪز تي وڃي پنهنجو نالو ڊيٽا ۾ شامل ڪرائي سگهن ٿا. انهن کي 24 ڪلاڪن ۾ ڊيٽا ۾ شامل ڪيو ويندو. هن چيو ته هن وقت بي آءِ ايس پي جي ڊيٽا ۾ 78 لک خاندان آهن. پر جيڪڏهن هي 1 ڪروڙ به ٿي وڃن ٿا ته سنڌ حڪومت ان کي ريليف فراهم ڪندي. رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ سنڌ حڪومت جو هي انقلابي قدم آهي، جنهن تي 15.5 ارب روپين جي سبسڊي ڏني ويندي. هن چيو ته سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن جي بحالي تي پنهنجي ڀرپور عزم سان ڪم ڪري رهي آهي. سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثر گهرن جي تعمير تي 70 ارب روپيا خرچ ڪري رهي آهي. جڏهن ته هارين ۽ آبادگارن کي 8 ارب روپيا ڏنا ويا آهن. صوبائي وزير اطلاعات چيو ته سنڌ ڪابينا ذخيره اندوزن ۽ منافع خورن جي حوصلا شڪني لاءِ اڄ ٿي آرڊيننس آڻڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جيڪو گورنر سنڌ کي موڪليو پيو وڃي. آرڊيننس ۾ مجسٽريٽ جا اختيار فوڊ کاتي جي آفيسرن ۽ ٻين کاتن جي آفيسرن کي ڏنا ويندا. جڏهن ته منافع خوري ۽ سرڪاري اگهن کان وڌيڪ قيمتن تي شيون وڪرو ڪرڻ تي ڏنڊ جي رقم وڌائڻ، گرفتاري، شيون ضبط ڪرڻ ۽ انهن کي نيلام ڪرڻ جا اختيار شامل ڪيا ويندا. هن چيو ته ان کان اڳ صرف اسسٽنٽ ڪمشنرن کي اختيار حاصل هئا، سنڌ حڪومت بيورو آف سپلائي ۽ پرائسز کي پڻ اختيار ڏيڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته سرڪاري قيمتن کان وڌيڪ اگهن تي شيون وڪرو ڪرڻ وارا دڪانتڪي سيل ڪيا ويندا ۽ 10 لک روپين تائين ڏنڊ هنيو ويندو. هن چيو ته هن وقت ڏنڊ گهٽ آهن جنهن جي ڪري اڪثر منافع خور 2 لک روپيا ڪمائي ڪري 10 هزار روپيا ڏنڊ ڏئي ڇڏيندا آهن. هن چيو ته صرف ڏنڊ جي قيمت نه پئي وڌائي وڃي پر سامان به ضبط ڪري نيلام ڪيو ويندو. هن چيو ته سنڌ ڪابينا پوري سنڌ ۾ تعلقي سطح تي بچت بازارون لڳائڻ جو فيصلو ڪيو آهي، جنهن جا انتظام ضلعي انتظاميا ڪندي. جڏهن ته صوبائي وزير، صلاحڪار، خاص مددگار ايم اين ايز ۽ ايم پي ايزان جي نگراني ڪندا ته جيئن عوام کي ريليف ڏيڻ ڪيقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته مخالف ڌر جا ايم پي ايز ۽ ايم اين ايز پڻ ان جي اونر شپ وٺن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي ته انهن سمورن قدمن تي عملدرآمد ڪرايو وڃي. هن چيو ته ميڊيا پڻ سنڌ حڪومت جي پارٽنر بڻجي ۽ منافع خوري ۽ ذخيره اندوزي جي نشاندهي ڪري. هن چيو ته وزيراعليٰ سنڌ چيف سيڪريٽري سنڌ کي ٽاسڪ ڏئي ڇڏيو آهي ته ٻن کان ٽن ڏينهن ۾ عوام کي بي آءِ ايس پي کان رقم جي منتقلي جو عمل شروع ٿي ويندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ ڪابينا آدم شماري جي عمل تي پڻ شديد خدشن جو اظهار ڪيو آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت هن وقت تائين وفاقي حڪومت جي قدمن مان مطمئن ناهي، جيڪڏهن خدشا ختم نه ڪيا ويا ته آدم شماري سواليه نشان بڻجي ويندي. هن چيو ته سنڌ ڪابينا جي ميمبرن هي معاملو اڄ جي اجلاس ۾ وڏي زور ۽ شور سان اٿاريو آهي. جنهن تي وزيراعليٰ سنڌ چيو ته هن اڳ ئي اهو معاملو مختلف فورمز ۽ وزيراعظم وٽ اٿاريو آهي. سيائي هڪ دفعو ٻيهر وزيراعظم پاڪستان کي سنڌ ڪابينا جي خدشن بابت آگاهه ڪيو ويندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته گذريل آدمشماري ۾ به سنڌ سان وڏي ناانصافي ڪئي وئي هئي، جنهن کي سنڌ حڪومت قبول ناهي ڪيو. سنڌ اڄ تائين ڊجيٽل مردم شماري جي عمل مان مطمئن ناهي. هن چيو ته اسين سمجهون ٿا ته وفاقي حڪومت کي خدشا ختم ڪرڻ گهرجن ته جيئن بي اعتمادي جي فضا قائم نه ٿئي. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري به آدمشماري تي پنهنجا خدشا واضح ڪري ڇڏيا آهن. هڪ سوال جي جواب ۾ صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت عوام کي هرحال ۾ ريليف پهچائيندي ۽ سنڌ ڪابينا جي فيصلن تي سختي سان عملدرآمد ڪرايو ويندو هن چيو ته سنڌ ڪابينا جي اڄ جي اجلاس ۾ پيپلز بس سروس جي ڀاڙن تي نظرثاني جو ايجنڊا به شامل هو پر ڪابينا ميمبرن ۽ وزيراعليٰ سنڌ ان ايجنڊي کي رمضان المبارڪ جي ختم ٿيڻ تائين ملتوي ڪري ڇڏيو آهي ته جيئن عوام کي مهانگائي جي طوفان ۾ وڌ کان وڌ ريليف پهچائي سگهجي. ڪراچي ۾ مڪاني ادارن بابت سوال تي قانوني واري صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪيس ضمني چونڊن جي حوالي سان ڪا به هدايت ناهي ڏني. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته ميئر ۽ چيئرمين جون چونڊيون جلد ٿي وڃن چو ته پوري صوبي ۾ ڪائونسلز مڪمل ٿي چڪيون آهن. ان حوالي سان ضمني چونڊن جو انتظار نه ڪيو وڃي ته جيئن اختيارن جي منتقلي ٿي سگهي ۽ چونڊيل مڪاني نمائندا عوام جا مسئلا حل ڪري سگهن. هن چيو ته ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ کي هدايتون ڏئي ڇڏيون آهن ۽ ان معاملي تي پٽيشن داخل ڪئي ويندي. هڪ ٻئي سوال تي هن چيو ته اهي ڏينهن گذري ويا آهن. هاڻي ڪراچي ۾ ڪوئي ڀهڪندڙ اسڪواڊ ناهي ۽ فيصلا اڪثريت جي بنياد تي ٿيندا. اهي ئي اصول جمهوريت جا آهن. هن چيو ته هينئر تائين جي زميني حقيقتن مطابق سمورن سازشن جي باوجود اڪثريتي جماعت پيپلز پارٽي آهي. جنهن کي ڪراچي سميت پوري صوبي ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪاميابي حاصل رهي آهي.

بقايا *** 04

گهرو وزير راڻا ثناءالله، آءِ جي پنجاب، سي سي پي او سميت ٻين خلاف ريس ڪورس ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست داخل ٿي آهي. ٻئي طرف ريس ڪورس ٿاڻي جي پوليس ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي جنهن تي درخواستگذار سيشن عدالت ۾ 22اي ۽ 22 بي جي درخواست داخل ڪئي آهي جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته آءِ جي پنجاب زمان پارڪ آپريشن مريم نواز ۽ انا ثناءالله جي حڪم تي ڪيو زمان پارڪ آپريشن دوران چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو ويو درخواست ۾ چيو ويو آهي ته پوليس کي واقعي تي ڪيس داخل ڪرڻ جي درخواست ڏني پر ڪيس داخل نه ڪيو ويو عدالت مريم نواز، راڻا ثناءالله سميت ٻين خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي

بقايا *** 05

ويا ان کان علاوه بهاولپور، لوڌران، ڊي جي خان، مياڻوالي، خانيوال، ٽوبا ٽيڪ سنگهه، پارا چنار، ڪرڪ ۾ به زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. لڪي مروت، مردان، باجوڙ، نوشهره ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ به زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. اسڪردو ۽ چلاس ۾ به زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا. خوفزده ماڻهو ڪلمه طيبه پڙهندا گهرن مان نڪري آيا. زلزلي جي شدت 6.8 رڪارڊ ڪئي وئي. هن وقت تائين ڪنهن به جاني يا مالي نقصان جو اطلاع ناهي مليو

بقايا *** 06

ڪاتي موجب هڪ مضبوط اولهه لهر 21 مارچ کان پاڪستان ۾ داخل ٿيڻ جو امڪان آهي. جيڪا 22 مارچ تي ملڪ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ اثرانداز ٿيندي. نئين لهر دوران بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه جي ڪيترن ئي علائقن ۾ آنڌاري ۽ ڪنوڻ سان گڏ تيز برسات جو امڪان آهي. ميٽ آفيس جي رپورٽ موجب خيبر پختونخواهه ۾ تيز برسات سان گڏ ڳڙو به پئجي سگهي ٿو. ان دوران ڪشمير، گلگت بلتستان ۾ به تيز برسات ۽ ڳڙي جو امڪان آهي. پنجاب ۽ اسلام آباد ۾ به نئين سسٽم تحت 21 کان 24 مارچ دوران تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان گڏ برسات، جڏهن ته ڪجهه هنڌن تي ڳڙي جو امڪان آهي. ڪراچي سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ به 21 کان 23 مارچ دوران آنڌاري، ڪنوڻ ۽ گجگوڙ سان ڪٿي برسات ته ڪٿي ڳڙي جو امڪان آهي.

بقايا *** 07

رکي ٿو ۽ ماڻهو ان تي يقين ٿا ڪن صحافي جي رپورٽ موجب اڳوڻي آرمي چيف ان سوال ته ڪراچي ۾ مريم نواز جي ڪمري جو دروازو ڀڃڻ جو حڪم ڪنهن ڏنو هو؟ تي چيو ته بريگيڊيئر حبيب ان وقت سيڪٽر ڪمانڊر هو. جنرل فيض ڪيس داخل ڪرڻ جو چيو پر هيٺين سطح تي ڪجهه وڌيڪ ٿي ويو. اسان ذميوار آفيسر کي هٽائي ڇڏيو هو. اعظم سواتي ۽ شهباز گل کي اگهاڙو ڪرڻ جي الزام تي جنرل (ر) باجوا چيو ته منهنجو انهن واقعن سان ڪو واسطو ناهي. ڪڏهن ڪڏهن ايجنسين ۾ شاهه کان وڌيڪ شاهه جو وفادار بڻجڻ جي ڪوشش هوندي آهي. اهو سڀ هيٺين سطح تي ٿيندو آهي. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته شيخ رشيد سان زندگي ۾ رڳو ٻه ڀيرا ملاقات ٿي آهي. شيخ رشيد چيو هو ته عمران خان کان حڪومت نه پئي هلي، جنرل صاحب ڪجهه ڪيو

بقايا *** 08

جي دهشتگردي جي ڪيسن جي جاچ ڪندي، سمورن ادارن کي جي آءِ ٽي ۾ شامل ڪيو ويندو. جي آءِ ٽي عمران خان خلاف اسلام آباد ۾ قائم ڪيسن جي جاچ ڪندي.

بقايا *** 09

ورهين جي تاج بي بي اٽو حاصل ڪرڻ جي لاءِ لائين ۾ بيٺل هئي ته بدنظمي ۽ سخت گرمي سبب سندس طبيعت خراب ٿي وئي پر هو اسپتال منتقل ڪرڻ دوران فوت ٿي وئي. ملتان ۾ سستي اٽي جي لاءِ لڳايل اسٽال تي هڪ شخص دل جو دورو پوڻ سبب فوت ٿي ويو ٻئي طرف بهاولنگر جي هڪ پارڪ ۾ قائم مفت اٽي جي اسٽال تي بدنظمي سبب 3 عورتون زخمي ٿي پيون جن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو. شڪر ڳڙهه ۾ ڏنڊا بردار شهرين اٽي سان ڀريل ٽرڪ کي ڦري ورتو جڏهن ته رحيم يار خان ۾ اٽي جي ٿيلهي ڪٽي وڃڻ تي عملي شهرين کي چماٽ وهائي اٽي جي ٿيلهي ڦري ورتي. ان کان علاوه ملتان ۽ صادق آباد ۾ اٽو نه ملڻ تي شهرين احتجاج پڻ ڪيو

بقايا *** 10

۾ چئلنج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان حوالي سان پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري چيو آهي ته توشه خانه ڪيس نيب جي اختيار ۾ ناهي ايندو توشه خانه جي حوالي سان ڪميشن ٺاهيو وڃي. ياد رهي ته نيب طرفان عمران خان جي گهر واري بشريٰ بي بي کي اڄ (اڱاري) تي طلب ڪرڻ لاءِ نوٽيس جاري ڪيو ويو جڏهن ته عمران خان کي پڻ پيش ٿيڻ لاءِ ڏار نوٽيس جاري ڪيو ويو هو

بقايا *** 11

. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ شيخ رشيد طرفان اڳوڻي صدر آصف زرداري خلاف تڪراري بيان ڪيس جي ٻڌڻي ٿي جنهن ۾ عدالت شيخ رشيد کي اڄ فرد جرم لاڳو ڪرڻ لاءِ طلب ڪيو هو. گذريل ٻڌڻي تي طبيعت خراب هجڻ سبب شيخ رشيد عدالت ۾ پيش نه ٿيو هو ٻڌڻي جي شروعات تي جج سوال ڪيو ته ڇا شيخ رشيد خلاف ڪيس جو چالان اچي ويو آهي؟ ان تي پراسيڪيوٽر چيو ته شيخ خلاف ڪيس جو چالان عدالت ۾ جمع ٿي چڪو آهي. شيخ رشيد عدالت کي ٻڌايو ته منهنجو وڪيل اڄ سپريم ڪورٽ ۾ آهي ان لاءِ اڄ عدالت ۾ پيش نٿو ٿي سگهي. ڪيس کي ختم ڪرڻ بابت درخواست به داخل ڪئي آهي. جنهن کان پوءِ عدالت شيخ رشيد کي حاضري لڳائي وڃڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. ياد رهي ته پوليس شيخ رشيد کي ساڳئي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو هو جنهن کي عدالت مان ضمانت تي رهائي ملي هئي.

بقايا *** 12

تي 5 ارب رپين جي سبسڊي ڏني ويندي. دستاويز ۾ ٻڌايو ويو آهي ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام صارفين کي هڪ ارب 15 ڪروڙ، جڏهن ته عام صارفين کي 3 ارب 84 ڪروڙ رپين جو رليف ملندو. يوٽيليٽي اسٽورز دستاويز موجب 10 ڪلو اٽي تي 400 رپيا، گيهه تي 300 رپيا، کنڊ تي 70 رپيا في ڪلو، بيسڻ ۽ کارڪ تي 50_50 رپيا سبسڊي ڏني ويندي. دستاويز ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته شربتن تي صارفين کي 15 رپيا، دالين تي 20 رپيا في ڪلو، ڪڪنگ آئل تي 25 رپيا، چانهه جي پتي تي 100 رپيا، کيرتي 30 رپيا ۽ مصالحن تي 10 سيڪڙو رعايت ملندي.

بقايا *** 13

علماءِ ڪائونسل جي مرڪزي اڳواڻ مفتي عبدالقيوم کي قتل ڪري ڇڏيو اڱاري جي ڏينهن صبح سوير گلستان جوهر ٽائي جي علائقي بلاڪ 9 مگسي چوڪ ۾ موٽر سائيڪل سوار نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري 50 سالن جي مفتي عبدالقيوم صوفي نقشبندي کي قتل ڪري ڇڏيو جيڪو جامع مسجد محمدي مدرسه نوراني اسلامڪ سينٽر جو مهتمم، پاڪستان علماء ايسوسيئيشن جو ميمبر ۽ سُني علماء ڪائونسل جو مرڪزي اڳواڻ هو واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس، رينجرز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا آفيسر موقعي تي پهچي ويا. جڏهن ته شاهدين گڏ ڪرڻ لاءِ ڪرائيم سين يونٽ کي طلب ڪيو ويو. مقتول جي لاش پوسٽ مارٽم جي لاءِ جناح اسپتال آندي وئي. پوليس موجب مولانا عبدالقيوم صوفي فجر جي نماز پڙهڻ کان پوءِ مسجد مان پنهنجي گهر طرف پنڌ وڃي رهيو هو ته گهر ويجهو ٽي موٽر سائيڪل تي سوار 2 نامعلوم هٿياربند فائرنگ ڪري ڪيس قتل ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي ويا. مفتي عبدالقيوم کي هڪ گولي مٿي تي لڳي جنهن سبب هو ٿلهي تي فوت ٿي ويو مقتول 4 ٻارن جو پيءُ هو. واقعي کان پوءِ سني علماءِ ڪائونسل جا مرڪزي اڳواڻ، عهديدار، مدرسي جا شاگرد ۽ علائقي جا رهواسي وڏي انگ ۾ موقعي تي پهچي ويا جتي هنن احتجاج ڪيو قتل واقعي جا سي سي ٽي وي فوٽيج سامهون اچي ويا آهن جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته هٿياربند مولانا عبدالقيوم صوفي کي قتل ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي رهيا آهن. هٿياربندن ويجهو کان فائرنگ ڪري ڪيس قتل ڪيو هڪ جوابدار موٽر سائيڪل تان لهي مولانا عبدالقيوم جي ويجهو آيو ۽ فائرنگ ڪئي جڏهن ته ٻيو موٽر سائيڪل تي ئي ويٺل رهيو.

بقايا *** 14

پوليس اسٽيشن جي علائقي گلشن بهار الجنت لان جي پويان ڪچي گهر مان نوجوان ڇوڪريءَ جو لاش مليو جنهن کي پوسٽ مارٽم لاءِ عباسي شهيد اسپتال پهچايو ويو ڇوڪري جي سڃاڻپ 24 ورهين جي صوفيا ولد شهاب الدين طور ٿي آهي. ايس ايڇ او سهيل خاصخيلي ٻڌايو ته فوتي تينگري کي 4 ڀينرون ۽ 2 ڀائر آهن. سندس ماءُ وڏي عمر جي آهي ۽ ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا آهي ۽ گهر ۾ انتهائي غربت آهي. فوتڻ ڪجهه مهينن کان سخت ذهني دٻاءَ جو شڪار هئي ۽ غربت، بيماري ۽ گهريلو پريشانين سبب هن حياتي جو انت آندو آهي. پوليس ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا *** 15

جي قيمت ۾ 11 پئسا گهٽتائي ٿي آهي. انٽر بئنڪ ڪاروبار جي پڇاڙي تي ڊالر 283.92 رپين جو ٿي ويو ان کان علاوه اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 50 پئسا سستو ٿي ويو آهي ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي قيمت 285 رپيا 50 پئسا ٿي وئي آهي.

بقايا *** 16

۽ مصنوعي مهانگائي تي ضابطو آڻي. وڏي وزير چيو ته ٻوڏ ۽ برساتن جي ڪري سموري ملڪ ۾ غربت وڌي وئي آهي. اميد آهي ته واپاري به رمضان جي ڀلاري مهيني دوران شين جا اگهه گهٽ رکندا مراد علي شاهه جو چوڻ هو ته مهانگائي تمام گهڻي آهي. هٿرادو مهانگائي تي ڪنٽرول ڪيو وڃي. وڏي وزير سرنديءَ وارن کي رمضان ۾ غريب ماڻهن جي مدد ڪرڻ جي اپيل به ڪئي

بقايا *** 17

30 هزار رپيا رکندڙن جي زڪوات منها ڪئي ويندي. غربت جي خاتمي ۽ سماجي تحفظ واري وزارت سال 2023 لاءِ زڪوات نصاب جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب سيونگ اڪائونٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ لک 30 هزار 159 رپيا رکندڙ واهپيدارن جي زڪوات ڪاٽي ويندي جڏهن ته ان کان گهٽ رقم رکندڙ ماڻهو زڪوات جي ڪٽوتي کان آجا هوندا.

بقايا *** 18

اخباري صنعت جي مسئلن کان آگاهه ڪيو. ملاقات ۾ اخباري صنعت کي درپيش مسئلن، پڙهندڙن جي تعداد ۾ گهٽتائي، رابطي جي ٻين ذريعن جي وڌندڙ مقبوليت ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. جنهن ۾ اخبارن جي اهميت پنهنجي جاءِ تي رهي پر سماجي ۽ ڊجيٽل ميڊيا اخبارن جي گردش کي متاثر ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اڄ به گهڻا ماڻهو خبرن لاءِ اخبارن جو رخ ڪن ٿا. هن چيو ته اخبارن ۾ پڙهندڙن کي متوجه ڪرڻ لاءِ مواد شامل ڪرڻ ضروري آهي. ان حوالي سان اخبارن کي به پنهنجي اي ايڊيشن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. چو ته هي جدت جو دور آهي. گورنر سنڌ وفد کي يقين ڏياريو ته هو اخباري صنعت کي درپيش مسئلن بابت لاڳاپيل ادارن سان ڳالهائيندو. هن چيو ته هو پنهنجي ملازمن جو به خيال رکن. چو ته مهانگائي ڪمر ٽوڙي ڇڏي آهي. هن چيو ته مسئلن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ۾ اخبارن ۽ رسالن جو اهم ڪردار آهي. گورنر سنڌ چيو ته اوهان جي ڪري حڪومت وقت تي مسئلا حل ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي. هدايت جي تعين ڪانسواءِ منزل تي پهچي نه سگهندا

بقايا *** 19

جي ڪيسن ۾ 33 سيڪڙو اضافو ٿيو. چئني صوبن ۾ روزانو 12 کان وڌيڪ ٻارڙن کي جنسي هوس جو نشانو بڻايو ويو جاري ڪيل انگن اکرن ۾ چيو ويو آهي ته پيش آيل واقعن مان 2325 ڇوڪرين ۽ 1928 ڇوڪرن کي جنسي تشدد جو نشانو بڻايو ويو سماجي تنظيم جي اڳواڻن موجب ننڍي عمر جي ٻارڙن سان جنسي زيادتي وارا ڪيس سڀ کان وڌيڪ پنجاب ۾ پيش آيا. پنجاب ۾ 3035، سنڌ ۾ 62، بلوچستان ۾ 30 ڪيس رپورٽ ٿيا

بقايا *** 20

مختلف منصوبن تي سيڙپڪاري به جاري آهي. سعودي ميڊيا موجب سعودي عرب جي ڪلچر ڊولپمينٽ فنڊ طرفان ملڪ ۾ فلمي سيڪٽر کي هٿي ڏيڻ لاءِ 234 ملين ڊالرن جي سيڙپڪاري جي رٿابندي ڪئي وئي آهي. ان جو مقصد نجي شعبي کي بااختيار بڻائڻ سان گڏ مقامي مواد کي هٿي ڏيڻ لاءِ مقامي ۽ پرڏيهي ڪمپنين کي مالياتي پيڪيجن جي آڇ ڪرڻ آهي ته جيئن سعودي فلم انڊسٽري کي سپورٽ ڪري سگهجي.

بقايا *** 21

پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ڊرائيور کي قتل ڪندڙ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته مقتول جو لاش پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو ويو آهي

بقايا *** 22

۽ سياسي عدم استحڪام جي خاتمي بابت سفيرن کي پنهنجي موقف کان آگاهه ڪيو

بقايا *** 23

آرائين سميت 4 ڄڻن کي اغوا ڪري ويا. فائرنگ ۾ زخمي ٿيل مينا سولنگي ۽ عرفان چنو کي رحيم يارخان اسپتال منتقل ڪيو ويو. علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو. سلسلي ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي جو چوڻ آهي ته 5 ڊي ايس پيز جي اڳواڻي ۾ پوليس ڌاڙيلن پليان رواني ٿي وئي آهي. مغوين کي بازياب ڪرايو ويندو

بقايا *** 24

بهادرز، ڪراچي غازيز، لاڙڪاڻه چئلينجرز، ميرپورخاص ٽائيگرز ۽ سکر پيٽريائس جون ٽيمون شامل آهن. افتتاحي تقريب ۾ سرفراز احمد، شاهد آفريدي، مرتضيٰ وهاب ۽ شرجيل ميمڻ به شرڪت ڪئي. تقريب سان خطاب ڪندي مراد علي شاهه چيو ته سنڌ پريميئر ليگ رڳو رانديگرن لاءِ ناهي پر اسان جي نوجوانن جي صلاحيتن کي هٿي ڏين. ڪين بهتر ڪارڪردگي جا موقعا فراهم ڪرڻ ۽ سنڌ جي بهترين شين جي نمائش بابت به آهي. هن چيو ته اهو اسان جي صوبي ۾ معاشي ترقي، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ سياحت کي هٿي ڏيڻ جو هڪ پليٽ فارم به آهي.

بقايا *** 25

سنڌ حڪومت خدمت ۾ سڀ کان اڳتي آهي جنهن جو ثبوت سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ دل جي بيمارين جي سڀ کان وڏي اسپتال جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي صورت ۾ ڏنو آهي. جڏهن ته ڪنهن به ٻئي صوبي ۾ اڄ تائين اهڙي اسپتال جو مثال نٿو ملي. هن چيو ته رمضان المبارڪ جيڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي گڙهي خدابخش بدران سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ ملهائي ويندي. هن چيو ته پاڪستان جي موجوده سياسي صورتحال ۾ شهيد ذوالفقار عليڀٽو جي کوٽ کي شدت سان محسوس ڪيو پيو وڃي. عاجز ڌامراهه چيو ته جيڪا پارٽي اقتدار ۾ هئي اها هاڻي اپوزيشن ۾ آهي ۽ رياست ۽ حڪومت لاءِ چئلينج بڻيل آهي. انتهائي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ انصاف ڪٿي به نظر نه پيو اچي. رڳو لاڏلي لاءِ رليف آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ اڳڪلهه به ائين ناهي ٿيو جو ڪنهن جي گاڏيءَ ۾ حاضري ٿي هجي. هن چيو ته پوليس کي ماريو ويو. سندن يونيفارم ڦاڙيا ويا. مٿن پيٽرول بم اڇلايا ويا. هن چيو ته ادارن جي تقدس جي پامالي پاڪستان لاءِ وڏو خطرو آهي. مان اها ڳالهه رڪارڊ تي رکڻ چاهيان ٿو ته ڇا اهو صحيح آهي ته جڏهن قانون لاڳوڪندڙ ادارا ڪنهن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ وڃن ته انهن کي ماريو وڃي. اهي ماڻهون اهو چون ٿا ته هتي پوليس نه ايندي چو ته هي نوگو ايريا آهي. عاجز ڌامراهه چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪيس ۾ به تيزي ڏيکاري وڃي. ايتري تيزي گهر ٿيل ماڻهن لاءِ به ڏيکاري وڃي جيتري لاڏلي لاءِ ڏيکاري پئي وڃي. هن ملڪ جي 23 ڪروڙ عوام انصاف جي انتظار ۾ آهي. هن چيو ته اسان اها اجازت نه ڏينداسين ته هو ملڪ جي امن جو دشمن بڻجي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهيءَ ڏيڻ واري بينچ جو بيان رڪارڊ تي آهي ته اسان کان اها غلطي ٿي وئي آهي. اسان کان اهو غلط ڪمڪرايو ويو. هن چيو ته قانون جي حڪمراني لاءِ ڀيهرڪوڙا ڪاٽڻ لاءِ تيار آهيون. هن چيو ته هڪ ئي ملڪ ۾ به مختلف نظام نٿا هلي سگهن. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ٻن صوبن ۾ پراڻي مردم شماري ذريعي چونڊونڪرايون وڃن ۽ باقي صوبن ۾ نئين آدمشماري ڪانپوءِ چونڊونڪرايون وڃن. ان جا ملڪ تي ڪهڙا اثر پوندا. عاجز ڌامراهه چيو ته اسان جي خدشن جو نوٽيس ورتو وڃي ٻي صورت ۾ عوام روڊن تي نڪري پرامن احتجاج ڪندو. هن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪيس تي ٻيهر غور جو مطالبو ڪيو

بقايا *** 26

ترسي رهيا آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن پاڪستان ميڊيا ڊولپمينٽ فائونڊيشن پاران منعقد ڪيل سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو. سيمينار ۾ سينيٽر نثار کهڙو، ڊاڪٽر مرزا اختر بيگ، سينيئر صحافين مظهر عباس، امتياز فاران ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي. گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته سمنڊ هجڻ باوجود شهر جي رهواسين کي پيئڻ جو پاڻي ميسر ناهي ۽ نه ئي بجلي، گئس ۽ انفرااسٽرڪچر آهي. هن چيو ته مسئلا حل ڪرڻ لاءِ اختيار نه نيت جي ضرورت آهي. ان حوالي سان ڪراچي جا مسئلا اجاگر ڪرڻ لاءِ هر فورم تي وڃي رهيو آهيان. هن چيو ته وزيراعظم جلد ڪراچي آيندو ۽ سمورن اسٽيڪ هولڊرز سان ملاقات ڪندو. PMDF جي چيئرپرسن ڏرداڻا شهاب سيمينار جي اغراض ۽ مقصد بيان ڪيا.

بقايا *** 27

سرڪاري ريٽ مقرر ٿيڻ کانپوءِ اڳهه تي گوشت جي فراهمي هڪ چئلينج بڻجي ويندو چاڪاڻ ته رمضان المبارڪ جي آمد کان اڳ ئي مختلف شين جي قيمتن ۾ من ماني واڌ ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 28

بورڊ ادائيگي لاءِ هڪ نئين ماڊل جي منظوري ڏني، جنهن تحت حقدار پنهنجي پسند جي بئنڪن ۾ کاتو کولي ٽن مهينن جون ادائيگيون حاصل ڪري سگهندا. بورڊ حقدارن کي ڏني ويندڙ وظيفي ۾ 25 سيڪڙو واڌ جي تجويز به منظور ڪري ورتي، جنهن کانپوءِ ٽن مهينن جو وظيفو 7 هزار مان وڌي 8 هزار 750 رپيا ٿي ويندو. بورڊ بلوچستان ۽ ٻين ڏورانهن علائقن ۾ ماڻهن جي رجسٽريشن لاءِ موبائل يونٽن جي استعمال جي به منظوري ڏني. نادرا چيئرمين طارق ملڪ کي چيو ويو ته اهي بلوچستان جي ڏورانهن علائقن ۽ ماڻهن کي سڃاڻپ ڪارڊ ڏيڻ لاءِ ڪوششون وڌائين. بي آءِ ايس پي بورڊ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سان ڪم ڪري تجربو حاصل ڪرڻ جو ارادو رکندڙ يونيورسٽين جي نون گريجوئيٽس لاءِ انٽرن شپ پروگرام جي منظوري به ڏني.

بقايا *** 29

موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي چيو ته نوروز بهار جي آمد جي خوشي ۾ ملهايو ويندو آهي. بهار زندگيءَ کيبهر جيارڻ جي علامت آهي. گيانچند ايسراڻي چيو ته پارسي برادري جون پاڪستان جي ترقي ۾ بي مثال خدمتون آهن. اسان جي دعا آهي ته جشن نوروز ملڪ ۾ خوشحالي، مذهبي هم آهنگي ۽ پائيدارو آڻي.

بقايا *** 30

لائن جا ٽاور ڪمزور هئا، اهي تيز هوائن سبب ڪريا آهن حيسڪو ترجمان ٻڌايو ته ٽاور ڪرڻ سان نوري آباد صنعتي زون ۽ ٻين علائقن ۾ فراهمي متاثر ٿي پر حيسڪو نوري آباد زون جي بجلي ٻئي کان جوڙي بحال ڪري ڇڏي حيسڪو ترجمان موجب ٽاورن جي بريڪس بليٽس چوري جون وارداتون معمول بڻجي چڪيون آهن.

بقايا *** 31

علماءِ ڪائونسل جي مرڪزي اڳواڻ مفتي عبدالقيوم کي قتل ڪري ڇڏيو اڱاري جي ڏينهن صبح سوير گلستان جوهر ٽائي جي علائقي بلاڪ 9 مگسي چوڪ ۾ موٽر سائيڪل سوار نامعلوم هٿياربندن فائرنگ ڪري 50 سالن جي مفتي عبدالقيوم صوفي نقشبندي کي قتل ڪري ڇڏيو جيڪو جامع مسجد محمدي مدرسه نوراني اسلامڪ سينٽر جو مهتمم، پاڪستان علماء ايسوسيئيشن جو ميمبر ۽ سني علماء ڪائونسل جو مرڪزي اڳواڻ هو واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس، رينجرز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا آفيسر موقعي تي پهچي ويا. جڏهن ته شاهدين گڏ ڪرڻ لاءِ ڪرائيم سين يونٽ کي طلب ڪيو ويو. مقتول جي لاش پوسٽ مارٽم جي لاءِ جناح اسپتال آندي وئي. پوليس موجب مولانا عبدالقيوم صوفي فجر جي نماز پڙهڻ کان پوءِ مسجد مان پنهنجي گهر طرف پنڌ وڃي رهيو هو ته گهر ويجهو ٽي موٽر سائيڪل تي سوار 2 نامعلوم هٿياربند فائرنگ ڪري ڪيس قتل ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي ويا. مفتي عبدالقيوم کي هڪ گولي مٿي تي لڳي جنهن سبب هو ٿلهي تي فوت ٿي ويو مقتول 4 ٻارن جو پيءُ هو. واقعي کان پوءِ سني علماءِ ڪائونسل جا مرڪزي اڳواڻ، عهديدار، مدرسي جا شاگرد ۽ علائقي جا رهواسي وڏي انگ ۾ موقعي تي پهچي ويا جتي هنن احتجاج ڪيو قتل واقعي جا سي سي ٽي وي فوٽيج سامهون اچي ويا آهن جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته هٿياربند مولانا عبدالقيوم صوفي کي قتل ڪرڻ کان پوءِ فرار ٿي رهيا آهن هٿياربندن ويجهو کان فائرنگ ڪري ڪيس قتل ڪيو هڪ جوابدار موٽر سائيڪل تان لهي مولانا عبدالقيوم جي ويجهو آيو ۽ فائرنگ ڪئي جڏهن ته ٻيو موٽر سائيڪل تي ئي ويٺل رهيو.

بقايا *** 32

نقصان پهچايو 18 مارچ تي زمان پارڪ آپريشن قانون جي ابتڙ ڪيو ويو. بنيادي حقن ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جي 17 مارچ وارن حڪمن جي پڇڪڙي ڪئي وئي. عدالت لاڳاپيل ڌرين خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪري. ٻڌڻي دوران عمران خان روسٽرم تي اچي چيو ته منهنجي گهر جا شيشا ٽوڙيا ويا، منهنجي زال گهر ۾ هئي. اها پرديدار عورت آهي. آن جي رڙين جا آواز ڪيمرا ۾ موجود آهن. چادر ۽ چوديواري جو تقدس پامال ڪيو ويو. منهنجي 5 گارڊز کي گرفتار ڪرڻ کان پوءِ تشدد جو نشانو بنايو ويو. اڄ مان لڪي عدالت ۾ پهتو آهيان ان گاڏي ۾ آيو آهيان جنهن کي ڪير به نٿو سڃاڻي، اڄ مان بنا ڪنهن قافلي جي پهتو آهيان. ٻڌڻي دوران جسٽس طارق سليم شيخ ريمارڪس ڏنا ته ميڊيا تي ويهي جيڪي عدليه سان مذاق ڪري رهيا آهن انهن جي خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪندس. جيڪڏهن سمورين ڌرين عدليه جي عزت نه ڪئي ته پوءِ توهين عدالت جي ڪارروائي ٿيندي. اسان قانون موجب ڪارروائي ڪندا آهيون ۽ اسان صرف قانون جي ڳالهه ڪندا آهيون. عدالت سرڪاري وڪيل کي زمان پارڪ آپريشن بابت هدايتون وٺي پيش ٿيڻ جي هدايت ڪندي آءِ جي پنجاب سميت ٻين ڌرين کان جواب طلب ڪري ورتو جنهن کان پوءِ ڪيس جي ٻڌڻي اڱاري تائين ملتوي ڪئي وئي.

بقايا *** 33

سنڌ حڪومت خدمت ۾ سڀ کان اڳتي آهي جنهن جو ثبوت سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ دل جي بيمارين جي سڀ کان وڏي اسپتال جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي صورت ۾ ڏنو آهي. جڏهن ته ڪنهن به ٻئي صوبي ۾ اڄ تائين اهڙي اسپتال جو مثال نٿو ملي. هن چيو ته رمضان المبارڪ جيڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي گڙهي خدابخش بدران سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرن ۾ ملهائي ويندي. هن چيو ته پاڪستان جي موجوده سياسي صورتحال ۾ شهيد ذوالفقار عليڀٽو جي کوٽ کي شدت سان محسوس ڪيو پيو وڃي. عاجز ڌامراهه چيو ته جيڪا پارٽي اقتدار ۾ هئي اها هاڻي اپوزيشن ۾ آهي ۽ رياست ۽ حڪومت لاءِ چئلينج بڻيل آهي. انتهائي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄ انصاف ڪٿي به نظر نه پيو اچي. رڳو لاڏلي لاءِ رليف آهي. پاڪستان جي تاريخ ۾ اڳڪلهه به ائين ناهي ٿيو جو ڪنهن جي گاڏيءَ ۾ حاضري ٿي هجي. هن چيو ته پوليس کي ماريو ويو. سندن يونيفارم ڦاڙيا ويا. مٿن پيٽرول بم اڇلايا ويا. هن چيو ته ادارن جي تقدس جي پامالي پاڪستان لاءِ وڏو خطرو آهي. مان اها ڳالهه رڪارڊ تي رکڻ چاهيان ٿو ته ڇا اهو صحيح آهي ته جڏهن قانون لاڳوڪندڙ ادارا ڪنهن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ وڃن ته انهن کي ماريو وڃي. اهي ماڻهون اهو چون ٿا ته هتي پوليس نه ايندي چو ته هي نوگو ايريا آهي. عاجز ڌامراهه چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪيس ۾ به تيزي ڏيکاري وڃي. ايتري تيزي گهر ٿيل ماڻهن لاءِ به ڏيکاري وڃي جيتري لاڏلي لاءِ ڏيکاري پئي وڃي. هن ملڪ جي 23 ڪروڙ عوام انصاف جي انتظار ۾ آهي. هن چيو ته اسان اها اجازت نه ڏينداسين ته هو ملڪ جي امن جو دشمن بڻجي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاهيءَ ڏيڻ واري بينچ جو بيان رڪارڊ تي آهي ته اسان کان اها غلطي ٿي وئي آهي. اسان کان اهو غلط ڪمڪرايو ويو. هن چيو ته قانون جي حڪمراني لاءِ ڀيهرڪوڙا ڪاٽڻ لاءِ تيار آهيون. هن چيو ته هڪ ئي ملڪ ۾ به مختلف نظام نٿا هلي سگهن. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ٻن صوبن ۾ پراڻي مردم شماري ذريعي چونڊونڪرايون وڃن ۽ باقي صوبن ۾ نئين آدمشماري ڪانپوءِ چونڊونڪرايون وڃن. ان جا ملڪ تي ڪهڙا اثر پوندا. عاجز ڌامراهه چيو ته اسان جي خدشن جو نوٽيس ورتو وڃي ٻي صورت ۾ عوام روڊن تي نڪري پرامن احتجاج ڪندو. هن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڪيس تي ٻيهر غور جو مطالبو ڪيو

بقايا *** 34

آرائين سميت 4 ڄڻن کي اغوا ڪري ويا. فائرنگ ۾ زخمي ٿيل مينا سولنگي ۽ عرفان چنو کي رحيم يارخان اسپتال منتقل ڪيو ويو. علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو. سلسلي ۾ ايس ايس پي گهوٽڪي جو چوڻ آهي ته 5 ڊي ايس پيز جي اڳواڻي ۾ پوليس ڌاڙيلن پليان رواني ٿي وئي آهي. مغوين کي بازياب ڪرايو ويندو

بقايا سنڌيار 01

جي اڪ زمينن تي قبضي جي ڪوشش رهواسين جو عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سميت احتجاج علامتي بک هڙتال بلڊر مافيا جي ماڻهن خلاف نعريبازي اختيارن کان نوٽيس وٺڻ جي گهر خبرموجب ڪراچي گلشن معمار عبدالله گبول گوٺ پرساڻ قديمي سروي وارين زمينن تي بلڊر مافيا جي ماڻهن جي اڪ قبضي ڪرڻ جي ڪوشش قديمي سروي وارين زمينن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش خلاف ايس يو پي اڳواڻ غلام مصطفي' چانڊيو جي اڳواڻي ۾ رهواسين طرفان احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد علامتي بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪري بلڊر مافيا ۽ سسٽم مافيا جي ماڻهن خلاف سخت نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن زينت مغل فرزاند سڪينہ غلام مصطفي' چانڊيو نصيرانڙ سڪندر سوڙ عبدالرحيم لاکو اصغر سوڙ اصغر شر ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو تہ اسڪيم 45 ڊير تيسر ٽائون ۾ 8 ايڪڙ 10 گهنٽا زمين موجود آهي جنهن جو قديمي پراڻو رڪارڊ موجود آهي مگر بلڊر مافيا جا ماڻهو ساحل ۽ محسن شيخاڻي اسان جي زمينن تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جڏهن تہ ڪي ڊي اي جو ڊائريڪٽر جنرل محمد علي شاهہ پڻ قبضا مافيا جي ماڻهن جي مدد ڪري اسان کي حراسان ڪري رهيو آهي هنن چيو تہ قبضي مافيا جي ماڻهن خلاف قدم کڻي اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسان جو احتجاج جاري رهندو

بقايا سنڌيار 02

ايمپلائيز يونين جي اڳوڻي جوائنٽ سيڪريٽري مرحوم سردار محمد صالح ڀٽي جي ياد ۾ تعزيتي ميڙاڪو رکيو ويو جنهن جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي وئي ان ڪانپوءِ ميونسپل ايمپلائيز يونين جي صدر پير بخش خاصخيلي ميڙاڪي جي ڪاروائي کي اڳيان وڌايو جنهن ۾ شهر جي معزز شخصيتين،اديبن،دانشورن،سياسي پارٽين،ميونسپل آفيسرن،ميونسپل ملازمن واپارين ۽ مختلف قومپرست پارٽين،مختلف ڊپارٽمنٽ جي آفيسرن،ڀٽي برادري ۽ ٻين برادرين مرحوم جي زندگي جي حوالي سان بهترين تاثرات پيش ڪيا ان ڪانپوءِ ميونسپل ايمپلائيز يونين جي جنرل سيڪريٽريس سڪندر علي ڀٽي ۽ ميونسپل ايمپلائيز يونين جي عهديدارن مرحوم جي هر سال ورسي ملهائڻ جو اعلان ڪيو ۽ هيٺ آيل مهمانن جو شڪريہ ادا ڪيو. يونين جي سرپرست اعلي رئيس علي اڪبر ڀٽي،سياسي سماجي اڳواڻ ياءِ خليل احمد خاصلي ايڊمنسٽريٽر فياض احمد منگي،چيف ميونسپل آفيسر اعجاز احمد ملاح،سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي خزانچي اعظم ڀٽي،پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع اڳواڻ گلزار احمد ڀٽي، پاڪستان پيپلز پارٽي سٽي اڳواڻ محمد جمن ڪيهر سوشل ورڪر ظهير احمد ڀٽي اسسٽنٽ ڊاريڪٽر غلام مصطفي زئون سماجي اڳواڻ عبدالحفيظ سنيس علمي ادبي اڪيڊمي اڳواڻ عبدالغفور ڪنڀار،شهري اتحاد اڳواڻ نور حسن ڪوڪر،تاجران فيڊريشن اڳواڻ شبير احمد ميمڻ، محمد سليم گدي،عبدالڪريم شيخ،جسقم اڳواڻ ظهور احمد هاليپوٽو، رئيس سرفراز احمد ڀٽي،پير فيصل جان سرهندي،زاهد بروهي،تنوير سومرو، ۽ ٻين دوستن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 03

۽ مير خان شيخ واري واقعي جي هائي ڪورٽ لاڙڪاڻو جي عدالت سڳوري جي حڪم تي جاچ انڪوائري ڪرڻ لاءِ ايس پي سي ٽي ڊي سڪر عبدالقدوس ڪلوڙ غوثپور ٿاڻي تي پهتو جتي هن شهر جي مختلف ماڻهن حاجي عبدالخالق ٿهيم ثناءالله اوگاهي محمد اسماعيل صوبو لولائي احسان پيو ۽ ٻين معززين کان واقعي بابت ڌار ڌار بيان قلمبند ڪيا ويا آهن ان موقعي تي ايس پي سي ٽي ڊي سڪر عبدالقدوس ڪلوڙ ميڊيا کي موقف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ان موقعي تي شيخ برادري جي درياءِ خان شيخ ۽ ٻين ٻڌايو تہ پوليس جڙتو مقابلو ڄاڻائي اسان جي نوجوانن کي قتل ڪيو هو هاڻي ڪورٽ ۾ لاڙڪاڻو ۾ درخواست ڏيڻ بعد عدالت سڳوري پاران جاچ ايس پي سي ٽي ڊي سڪر عبدالقدوس ڪلوڙ حوالي ڪئي وئي آهي عدالت سڳوري جي حڪم تي واقعي جي اڄ کان جاچ شروع ڪئي وئي آهي هنن جو چوڻ آهي تہ اسان کي اعلي عدليا ۾ اميد آهي تہ اسان کي انصاف ملندو واضح رهي تہ ڏيڍ مهينو اڳ پوليس موبائيل ۽ موٽر سائيڪل چوري جي الزام هيٺ گرفتار ٿيل ٻن نوجوانن کي ڏوهاري ڄاڻائي جڙتو مقابلي ۾ ماري ڇڏيو هيو جنهن لاءِ وارثن سخت احتجاج ڪيو هو ۽ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪري اڻ ڌري جاچ جو مطالبو ڪيو هيو

بقايا سنڌيار 04

۾ نہ آئي. پوليس چڙهائي خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو، خبرموجب، خانپورمهر پوليس اڌلن مبينا ڏوهارين جي گرفتاري لاءِ ڳوٺ لونگ ڳڏاڻي تي چڙهائي ڪري گهرن مان مبينا ڦرلٽ ڪئي ۽ 7 گهر ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيا ايس ايڇ او قابل پيو جي اڳواڻي ۾ پوليس جي وڏي نفري موبائلن ۽ بکتر بند گاڏين ۾ سوار ٿي چڙهائي ڪئي. جڏهن تہ ڪا بہ گرفتاري عمل ۾ نہ آئي. هوڏانهن ڳوٺاڻن پاران وزير ڳڏاڻي، مائي مومل، مائي حسينا ڳڏاڻي، مائي جنت ڳڏاڻي، مائي بصران ڳڏاڻي جي اڳواڻي ۾ پوليس جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن جو ميڊيا کي ٻڌايو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ پوليس تشدد ۾ معصوم نينگري زينب ڳڏاڻي مارجي وئي جنهن ڪيس تان هٽ ڪڻ لاءِ پوليس اسان جا گهر ڊاهي ويئي آهي، پوليس اسان جي خلاف رڻ ٻاري ڏنو آهي پوليس چوپايو مال تي گهٽون 5رڍون ڪاهي ويئي آهي، ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو تہ پوليس چڙهائي جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي. هوڏانهن خانپورمهر پوليس جو چوڻ آهي تہ ڏوهارين جي موجودگي واري اطلاع تي چڙهائي ڪئي آهي...

بقايا سنڌيار 05

هن چيو تہ عوام کي هن سجاڳي مهم ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي پروفيسر عبدالله ملاح چيو تہ موسمياتي تبديلي جا گهڻا اثر عورتن تي پون ٿا ۽ عورت جي صحت سماج جي صحت آهي جنهن کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي هن چيو تہ عورت ٻهراڙي جي هجي يا شهر جي مگر ماحولياتي تبديلين سڄي سماج تي ناڪاري اثر ڇڏيا آهن ايڊووڪيٽ محمد رمضان رند چيو تہ عورتن کي سندن جائز حق ڏنا وڃن ۽ عورتن کي اڳيان اچي وڪالت جا فرائض سرانجام ڏيڻ گهرجن . خاص ڪري بدين ۾ عورتن جا ڪافي جينڊر بيس وائيلينس جا مسئلا ٿين ٿا جنهن کي عورت وڪيل بهتر سمجهي سگهي ٿي تقريب کي ٻين مقررين خطاب ڪندي چيو تہ عورتن کي مضبوط ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. عورتن جي صحت متعلق بہ ڪافي گيپ آهن هن موقعي تي مرتضيٰ گوهر شريفان بلوچ وڪيل رام ڪولهي شعيب جعفري، ماحوليات کاتي جي آفيسر عبدالسلام سمون ٻين خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 06

صدارت هيٺ ٿي گڏيو اجلاس ۾ بنيادي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ تعليم بجلي گئس واٽر سپلاءِ شهر ۾ صفائي سٿرائي نہ ٿيڻ خلاف رپورٽنگ کي تيز ڪرڻ جو لاءِ عمل جوڙيو ويو اجلاس جي ڪاروائي جنرل سيڪريٽري ممتاز علي چنو هلائي اجلاس ۾ صدر طالب حسين چانڊيو، جنرل سيڪريٽري ممتاز علي چنو سينيئر نائب صدر فقير بشير لطيفي، نائب صدر عبدالجبار تنيو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري سميع الله ٻگهيو، خزانچي منٺار علي چانڊيو پريس سيڪريٽري زاهد حسين ٻرڙو، انفارميشن سيڪريٽري آغا خان چانڊيو، آفيس سيڪريٽري علي محمد بروهي، ايگزيڪيٽو ڪاميٽي جي ميمبر نياز علي چنو، ميمبر آصف علي چانڊيو، شرڪت ڪئي ان موقعي تي اجلاس ۾ صحافي دوستن انتظاميہ ۽ چونڊيل نمائندن جي نااهلي تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو تہ هتي اسان وٽ هڪ مسئلو ناهي هي اسان جو علائقو مسئلن جي ور چڙهيل آهي ان لاءِ اسان کي عوامي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ قلمي جدوجهد ڪرڻي پوندي چو تہ انتظاميہ عدالت سڳوري جي حڪم کي بہ ٽڏي ڇڏي ٿي جيئن اعلي عدليا ان شيءِ جو نوٽيس وٺي اسان وٽ عوام کي نہ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ٿو ملي نہ بجلي صحيح نموني هلي پئي جنهن سبب تمام شهر جو ڪاروبار مفلوج بڻيل آهي هتي موجود تمام اسڪيمون رولهڙي ۽ ڪرپشن جي ور چڙهيل آهن عوام پٿر جي دور واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي نہ تعليم آهي نہ صحت آهي سرڪاري اسپتال ۾ ماڻهن کي بخار جي ٽڪي بہ نہ پئي ملي آخر ۾ تمام دوستن اهو وچن ڪيو تہ جيستائين انتظاميہ سجاڳ نہ پئي ٿئي اسان پنهنجي جدوجهد جاري رکنداسين

بقايا سنڌيار 07

عهديدارن دين محمد مهر، عمران شاهہ، بلال ملهن ۽ ٻين پاران گورنمينٽ جهاتپور شريف هائي اسڪول ۾ تعزيتي ميڙاڪو ڪوٺايو ويو جنهن ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري ميڊم زرينہ چنہ، زاهد حسين شاهہ، سعيد احمد چاچڙ، اعجاز چاچڙ، دين محمد مهر، شوڪت اوگاهي، سراج احمد ڏانڌو، سڪندر علي سنگهڙ، حاڪم ميراڻي، اختر حسين ڏايو، شهزادو مهر، جام آفتاب سميجو، معروف پٺاڻي، ڪرڙو ملڪ، پرويز اختر، اظهر سومرو، استاد بلال، عمران شاهہ، سميت استاد تنظيمن جي اڳواڻن استادن سياسي سماجي توڙي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تعزيتي ميڙاڪي کي خطاب ڪندي ڊي اي او پرائمري گهوٽڪي ميڊم زرينہ چنہ. پ ٽ الف اڳواڻ دين محمد مهر ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ استاد سيد علي اڪبر شاهہ. تعليم دوست ۽ انسان دوست ماڻهون هو جنهن پنهنجي سموري ڄمار جهاتپور شريف ۽ پنهنجي علائقي جي شاگردن کي تعليم ڏئي انهن جي مستقبل کي روشن بڻائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو هنن چيو تہ سيد علي اڪبر شاهہ ظاهري طور تي تہ هڪ پيشہ ور استاد هو مگر ان کان علاوه هو سماجي ڪمن ۾ بہ اڳڀرو رهندو هو هنن چيو تہ سيد علي اڪبر شاهہ جهڙا عظيم استاد ورهين پڄاڻان بہ ناهن ڄمندا. ان موقعي تي استاد علي اڪبر شاهہ کي ڀيٽائون پيش ڪري سندس جي مغفرت لاءِ دعائون پڻ گهريون ويون.

بقايا سنڌيار 08

ميراڻي ۽ ٻين ڊاڪٽرن هن معلوماتي پروگرام ۾ شرڪت ڪئي ۽ ورلڊ هيلٿ ڪيئر جي حوالي سان ڊاڪٽر منظور احمد هنگورو ڊاڪٽر صدام سهاڳ، ڊاڪٽر رضوانہ پنهور ٻڌايو تہ دنيا ۾ اڄ هي ڏينهن ملهايو پيو وڃي دادو ۾ بہ اسان ڊائريڪٽر ڊينٽل هيلٿ ڪيئر جناب جواد علي شاهہ جي حڪم تي اسپتال ۾ ايندڙ مريضن کي ڏندن جي بيمارين بابت ڄاڻ ڏني انهن کي ڏندن جي بيمارين جي حوالي سان ٻڌايو تہ ڏندن جي صفائي رکڻ انهن کي روزانو جي بنياد برش ڪرڻ سان انسان ٻين بيمارين کان محفوظ رهي سگهي ٿو چيو تہ هر ماڻهو وات ذريعي مارڪيٽ توڙي عام شيون روز کائي ٿو اگر ڏندن جي صفائي نہ ٿيندي تہ اهي شيون کائڻ سان ڏندن ۽ وات ذريعي جراثيم پيٽ اندر ويندا جنهن جي نتيجي ۾ انسان ۾ ٻيون ڪوڙ سارين بيماري جنم وٺنديون آهن هنن وڌيڪ چيو تہ ماڻهن کي گهرجي تہ هو پنهنجي ڏندن جي بيماري کان بچڻ لاءِ هر 6 مهينن جي اندر ڏندن جي ڊاڪٽر وٽ پنهنجو چيڪ اپ ڪرائين تہ جيئن هو ڏندن جي بيماري سميت پيٽ جي ٻين بيمارين کان بچي سگهن جڏهن تہ 200 سو کان وڌيڪ مريضن ۾ ڏندن جي صفائي لاءِ پيسٽون پڻ ڏنيون

بقايا سنڌيار 09

جا گهر سڙي رک ٿي ويا، باهہ لڳڻ سبب گهرن ۾ پيل هنڊ بسترا، اناج ۽ ٻيو سامان سڙي رک ٿي ويو. فائر برگيڊ جي سهولت نہ هجڻ ڪري ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت باهہ وسائڻ ۾ رڌل آهن. ان سلسلي ۾ متاثر ڳوٺاڻن ٻڌايو تہ سمورا گهر سڙي ويا آهن ۽ انهن ۾ پيل اناج، راشن، ڪپڙا ۽ چوپايو مال باهہ جي رک ٿي ويو آهي. جڏهن تہ کليل آسمان هيٺ ويٺل آهيون. ڪنهن بہ چونڊيل نمائندي توڙي انتظاميا واهر نہ ڪئي آهي، خدارا مالي سهائتا ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 10

۽ نيائي سنڌو پاران احتجاج ڪيو ويو اسي واري ڏهاڪي ۾ هيروئن جو وڪرو ۽ واهپو عام هجڻ ڪري سوين نوجوان موت جي ور چڙهي ويا، ڪيترائي ئي خاندان اجڙي ويا. هن وقت آئيس ڪرسٽل جي عام وڪري ۽ واهپي سبب پنج سو کان وڌيڪ نوجوان زهني توازن وڃائي چڪا آهن، ڪيترائي گهر اجڙي ويا، خبرموجب : وارهہ تعلقي ۾ آئيس ڪرسٽل جي نشي جو وڪرو ۽ واهپو عام هجڻ خلاف وارهہ تعلقي جي يوسي لعلو رائنڪ جو مقامي صحافي ۽ لعلو رائنڪ پريس ڪلب جي صدر محرم چانڊيو پاران پنهنجي معصوم نيائي سنڌو ۽ معصوم پٽ هوش محمد سميت احتجاجي بئنرز هٿن ۾ کڻي لعلو رائنڪ پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪئي وئي، بک هڙتالي ڪئمپ تي شهرين بہ احتجاج ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي مظاهرين ميڊيا اڳيان ڳالهائيندي چيو تہ آئيس ڪرسٽل نشو نہ پر هڪ موتمار زهر آهي، آئيس ڪرسٽل جو وڪرو عام هجڻ ڪري هزارين نوجوانن جون زندگيون داءِ تي لڳل آهن، پنج سو جي لڳ ڀڳ آئيس ڪرسٽل جا عادي نوجوان زهني توازن وڃائي چڪا آهن، جيڪي شهرن ۾ ٻڳائن وانگي گهمندي ڏسون ٿا، هن جو وڌيڪ چوڻ هيو تہ اسي واري ڏهاڪي ۾ هيروئن جو واهپو ۽ وڪرو عام هجڻ ڪري اسان جي هر عمر سوين نوجوان بيوقتي موت جي ور چڙهي ويا ۽ هن وقت آئيس ڪرسٽل نوجوان نسل کي وڏي تيزي سان تباهہ ڪري رهي آهي، جيڪو هڪ تمام وڏو الميو آهي، اهڙي الميي خلاف ڪيترين ئي خبرون وسيلي ميڊيا جي توسط سان اعلي اختيارين کي نشاندهي ڪرائڻ سميت پوليس سان ملاقاتون ڪري نوجوان نسل جي تباهي جو روڪٿام جا مطالبا ڪيا ويا آهن پر ڪنهن جي ڪن تي جونءِ نہ چري، مجبور ٿي ڪري احتجاجي سلسلو شروع ڪيو آهي، هن هاءِ ڪورٽ لاڙڪاڻو سيشن ڪورٽ قمبر آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي قمبر سميت منشيات خلاف ڪم ڪندڙ لاڳاپيل ادارن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي وارهہ تعلقي اندر آئيس ڪرسٽل جو عام ٿيل وڪرو ۽ واهپو بند ڪرائي نوجوان نسل کي تباهہ ٿيڻ کان بچائڻ جي گهر ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 11

تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ ڊجيٽل آدمشماري سان اسان سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي هڪ سازش آهي جنهن تي سموري سنڌ کي تحفظات ۽ خدشات آهن اڳواڻن وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت رڪارڊ مهانگائي ڪري عوام جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي، هن وقت غريب ۽ مزدور طبقو مهانگائي سبب ماني کيپي لاءِ پريشان بڻيل آهي جڏهن تہ اڳواڻن مطالبو ڪيو تہ فوري طور تي ڊجيٽل آدمشماري جو فيصلو واپس وٺي مهانگائي تي ضابطو آڻي سنڌ واسين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 12

ناهن واري مشين وڏي مقدار ۾ تيارماڻو ۽ ڪچو متيريل هٿ ڪري ورتو،ڇاپي دوران پوليس هڪ مزدور شريف حيدري کي گرفتار ڪري ورتو آهي جڏهن تہ ٻيو جوابدار نورو پليجو فرار ٿي ويو ڇاپي گٽڪي ناهن واري هڪ مشين،استعمال ٿيندڙ سامان،ڊرم ۽ تيارمائي جون 2 هزار پڙيون برآمد ڪري ورتيون گهارو ٿاڻي تي ٽنهي جوابدارن خلاف گهارو ٿاڻي تي ڪيس داخل ٿي ويو پوليس وڌيڪ جوابدارن جي ڳولا ۾ لڳل آهي ايس ايڇ او ممتاز بروهي جو چوڻ هو تہ منشيات خلاف ڪارروايون تيز آهن انشاء الله منشيات کي ختم ڪنداسين

بقايا سنڌيار 13

صوبائي اڳواڻ حاجي ديدار جتوئي انعام ڏنا ويا ان موقعي تي پاڪستان تحريڪ انصاف صوبائي اڳواڻ حاجي ديدار جتوئي ڳالهائيندي چيو تہ اڄڪلهہ جي دور ۾ مختلف قسمن جون رانديون ڪرايون وڃن تہ جيئن نوجوان رانديون ۾ حصو وٺي ملڪ جو نالو روشن ڪن ۽ جنهن معاشري ۾ رانديون عام هونديون آهن تہ بيمارين جنم نہ وٺنديون آهن هوڏانهن ڊپٽي ڊائريڪٽر اسپورٽس سکر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ صوبائي سيڪريٽري عبدالهادي بلوچ جي تعاون سان ڪوڏي ڪوڏي راند ڪرائي وئي آهي ۽ اسان هميشہ رانديون عام ڪرائڻ لاءِ ڪوشان آهيون هوڏانهن ڪامياب ٽيم جي رانديگرن ۾ روڪ رقم توڙي تمغا ورهايا ويا.

بقايا سنڌيار 14

مئنيجر اعجاز چانڊيو ۽ اعجاز ڀٽي جي اڳواڻي ۾ شرڪت جڏهن تہ بختاور ماڊل هاءِ اسڪول ڪاليج جي شاگردياڻين ۽ ٽيچرز پرنسپال عابد لاشاري، شائستا پتوجي اڳواڻي ۾ شرڪت ڪئي. تقريب جي آرگنائيزرن ڊي ايف او سوشل فاريسٽري لاڙڪاڻو ارشد حيدر ڪماريو، ڊي ايف او ايفاريسٽري مالڪ ڏنو ملاح ۽ ڊي ايف او قمبر عمران علي ڏاهراهہ ڊي سي لاڙڪاڻو سميت آيل مهمانن کي آجيائو پيش ڪيو. جتي تقريب کي خصوصي خطاب ڪندي ڊي سي لاڙڪاڻو رابعہ سيال جو چوڻ هو تہ وڻ ۽ ٻيلا اسان جي زندگي جو اهم جز آهي جنهن کي وڌ کان وڌ پوکڻ گهرجن ۽ ٻارڙن وانگر انهن جي نگهداشت بہ ڪرڻ ضروري آهي ۽ وڻن جي واڍي ڏوهہ آهي ۽ انهن ڏوهارين کي ڪڏهن بہ بخش نہ ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ وڻ ۽ ٻيلا اسان جي ساهہ جو سرشتو آهن جيڪڏهن اهي نہ هوندا تہ کليل فضا ۾ ساهہ نہ کڻي سگهنداسين. وڻ ۽ ٻوٽن جي واڍي جي ڪري اسان جي ملڪ ۾ موسمياتي تبديلين جا وڏا اثر پيجي ويا ۽ اهو ئي سبب هو جو گذريل برسات ۽ ٻوڏ سبب وڏي تباهي اچي وئي جنهن ۾ ڪيترائي ماڻهو بي گهر ٿي روڊن تي اچي ويا. عارضي فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ وڻن کي وڍي اسان پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ ڏکيائيون پيدا ڪريون ٿا ان ڪري اسان کي گهرجي تہ وڻ وڍڻ بجاءِ انهن کي وڌ کان وڌ پوکيون تہ جيئن موسمي اثرن کي ٻيهر واپس بهتر بڻائي سگهون. ارشد حيدر ڪماريو ڳالهائيندي چيو تہ اڄ جشن بهاران وٽڪاري مهم جو آغاز ڪيو ويو آهي ۽ هن مهم ۾ 25 هزار وڻ پوکيا ويندا جنهن ۾ 1500 هزار کان وڌيڪ وڻ مختلف فروٽن جا شامل آهن. ان موقعي تي مالڪ ڏنو ملاح، اعجاز چانڊيو، اعجاز ڀٽي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. تقريب جي آخر ۾ ڊي سي لاڙڪاڻو رابعا سيال شاگردن ۽ شاگردياڻين سان گڏجي وڻ ۽ ٻوٽا پوکيا.

بقايا سنڌيار 15

پيپلزپارٽي ضلع بدين طرفان هر سال جيان ڀرپور شرڪت ڪئي ويندي اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو يوم شهادت (ورسي) ضلع وائيز ملهائي ٿي وڃي تہ لنواري پيلس بدين تي 4 اپريل تي ورسي وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي ويندي. اجلاس کي خطاب ڪندي حاجي محمد رمضان چانڊيو چيو تہ هن وقت پاڪستان سنگين بحران جي ور چاڙهيو ويو آهي پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت پاڪستان لاءِ پنهنجو ڪردار نڀائي رهي آهي ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڪستان ۾ جمهوريت کي طاقت ور بنائڻ لاءِ ڏينهن رات جهدو جهد ڪري رهيو آهي. هن چيو تہ انشاء الله پاڪستان هن ڏکئي دور مان جلدي نڪري ويندو. هن چيو تہ عمران نيازي جي سياست ڪوڙ ۽ مڪاري تي مشتمل آهي هو سياست جي الف ب کان بہ واقف ناهي پي ٽي آئي پارٽي نہ پرچو وڃڻ ٿيلن جو ٽولو آهي جيڪو اقتدار حاصل ڪرڻ خاطر دهشتگردي تي لهي آيو آهي ۽ پاڪستان جي هر فورس تي حملا ڪري رهيا آهن هن چيو تہ جنهن پارٽي ۾ ضياءالحق جو پٽ شامل هجي اها پارٽي ڪڏهن جمهوريت دوست نہ پر جمهوريت دشمن ئي ٿي سگهي ٿي اجلاس ۾ سائين بخش جمالي، فدا حسن ميندڙو، پير نور الله قريشي، ايم پي اي تاج محمد ملاح، ايم پي اي مير الهيچش ٽالپر، سردار ڪمال خان چانڱ، پيو شا، ارباب امان الله، عبدالغفور ميمڻ. امير حسن ڪوسو، مير ملاح، الهڏنو چانڊيو، نياز لاشاري، مرتضي جمالي، فاضل راهو، رضوان قائم خاني ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 16

۾ نون ميمبرن جي شموليت جا فارم ڀريا ويا، جنهن بعد ضلعي صدر نوشهروفيروز يونين آف جرنلسٽس زاهد قائم خاني، جنرل سيڪريٽري مظهر خاصخيلي، اڳوڻي نايب صدر منور حسين منو، اليڪشن ڪميٽي ميمبر زاهد راجپر ماليائي سيڪريٽري غلام مرتضا نڱڙ، تعلقہ محرابپور جي ميمبرن سان مشاورت بعد نيي ڪابينا جي چونڊ ڪئي جنهن ۾ صدر راجا خان نوتاري، سينيئر نايب صدر علم الدين علي، نايب صدر ملڪ امجد علي، جنرل سيڪريٽري حزب الله چانڱ، جوائنٽ سيڪريٽري 1 عبدالجبار گهانگهرو، جوائنٽ سيڪريٽري 2 اشرف غوري، ماليائي سيڪريٽري محمود الحسن جلالي، آفيس سيڪريٽري سرفراز ميمڻ، پريس سيڪريٽري آڪاش ڪمار چوهان کي چونڊيو ويا، جڏهن تہ ايگزيڪيٽو ڪاميٽي ۾، سجانند بجاج، محمد ارشد انصاري، ظهير آرائين، عبدالقيوم ميمڻ،ملڪ عمران غوري کي شامل ڪيو ويو سنڌ يار سٽ پاران نيين چونڊيل جي آيل باڊي کي مبارڪباد ڏني وڃي آهي.

بقايا سنڌيار 17

شاهاڻي جي ڀاءُ عبدالغفار شاهاڻي جيڪو پاڻ پوليس ڊپارٽمينٽ ۾ ايس آءِ اي آهي غلام الدين شاهاڻي نذير راجپر جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي ڳالهائيندي عبدالغفار شاهاڻي چيو تہ ايس ايڇ او پير ڳاجي شاهہ علي گوهر لنڊ قانون جون ڌڄيون اڏائي ڇڏيون صحافي الطاف منهنجو ڀاءُ آهي ان کي سخت تشدد جو نشانو بڻايو مون کي پڻ ڌمڪيون ٿو ڏئي تہ اوهان خاموش رهو ٻي صورت ۾ اوهان کي نوڪري تان هٿ ڌوئڻ پوندو احتجاج ڪرڻ تي صحافي کي هاف فراءِ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي هن آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو تہ واقعي جو نوٽيس وٺي راشي ايس ايڇ او علي گوهر لنڊ کي عملي سميت هٽائي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 18

لڳ ڳوٺ صالحاڻي تي چڙهائي ڪري ڪجهہ ڏينهن پهريان هاليجي پرسان موجود اسڪراپ ڪاٽي جون چوري ٿي ويل سولر پليٽون ۽ چوري ڪندڙ جوابدار سليم الله قاضي کي گرفتار ڪري ورتو. ان موقعي تي ڪينٽ ٿاڻي ايس ايڇ او غلام قادر بلو ٻڌايو تہ ڪجهہ ڏينهن پهريان ڪينٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ هاليجي شريف پرسان موجود اسڪراپ ڪاٽي جون سولر پليٽون چوري ٿيون هيون جنهن جي ڳولا جاري هئي اڄ ڳجهي اطلاع تي ڳوٺ صالحاڻي ۾ ڇاپو هڻي پليٽون چوري ڪندڙ سليم الله قاضي کي گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن کان جاچ هلندڙ آهي

بقايا سنڌيار 19

موقعي تي دادو جي سماجي ۽ تعليمي شخصيت محمد بخش ڪورائي وڻ لڳايو ۽ ٻڌايو تہ مان بہ هن ڪاليج جو شاگرد رهي چڪو آهيان. دادو ڪاليج ۾ وڻ هڻڻ واري ڪاوش تي پروفيسر پرنسپال محمد عرفان ڪلهوڙو کي سلام ٿو پيش ڪيان. وٽڪاري سان ڪاليج جي سونهن وڌندي ۽ ماحول تي خوش گوار اثر پوندو. نم، ٽالهي، انب، ڪجي، مالٽو، ٻير، پيرءِ ليما سنڌ جي زميني ماحول لاءِ مفيد وڻ آهن انهن کي لڳايو وڃي. دادو شهر جي ناليواري سياسي سماجي شخصيت سردار رجب خان شاهاڻي ٻڌايو تہ وقت جي ضرورت آهي تہ سنڌ جي 30 ضلعن ۾ وٽڪاري مهم زور شروع ڪئي وڃي جيئن ماحولياتي آلودگي کان بچي سگهجي، ٻارن جي حقن لاءِ ڪم ڪندڙ جاکوڙي ڪردار ساجد مستوئي هن موقعي تي وڻ لڳايو ۽ ڪاليج اندر باغ هئڻ کي سارهايو، سماجي شخصيت ۽ ٻارن جي حقن تي ڪم ڪندڙ وسيم ڪوڪر هن موقعي تي وڻ لڳايو ۽ چيو تہ دادو ڪاليج اندر وڻن جو تعداد ڏسي دل باغبهار ٿي وئي آهي. هن موقعي تي پروفيسر غلام سرور عباسي اڳوڻو ڊائريڪٽر ڪاليجز سکر ريجن پڻ وٽڪاري مهم جو افتتاح ڪيو هن چيو تہ ڪاليج ۾ پڙهائي جو ماحول ڏسي ۽ هر طرف سرسبز ڏسي دل باغ باغ ٿي وئي. دادو ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر عرفان ڪلهوڙو ٻڌايو تہ ڪنهن ملڪ جي ڪل آراضي جو 35 سيڪڙو ٻيلا هجڻ ضروري آهي برسات جي پوڻ جو وڏو ذريعو زمين تي ساوڪ يا ٻيلا هجڻ آهي، بدقسمتي سان پاڪستان ۾ 5.6 سيڪڙو ٻيلا موجود آهن جنهن ڪري ماحولياتي آلودگي وڌي آهي ۽ زيرزمين پاڻي جا ذخيرا ڇهرا ٿي ويا آهن. گذريل 30 سالن کان RBOD۽ LBODجي مڪمل نہ ٿيڻ ڪري ۽ مالي ڳوٽالين جي ور چڙهڻ ڪري منڇر جيڪا ايشيا جي مٺي پاڻي جي وڏي ڍنڍ آهي اڄ زهريلي مادن سان ڀرجي وئي آهي پروفيسر عرفان ڪلهوڙو سنڌ حڪومت کان گهر ڪئي تہ جلدي سنڌ ۾ نوان ٻيلا هنيا وڃن ۽ جن ماڻهن ٻيلا ڪاٽائي قبضا ڪيا آهن انهن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي، جڏهن تہ ڪيميائي پاڻي ۽ گندي پاڻي جي نيڪالي لاءِ چارئي صوبا گڏجي ڪم، ڪن سڀ معاملا ٺيڪ ٿي ويندا

بقايا سنڌيار 20

ڪٽوتي ڪري رهيا آهن جڏهن تہ ذريعن موجب ڊوائيس هولڊرز سينٽر تي ڊوائيسون هلائڻ بدران فرنچائز وارن سان مبينا ڏيتي ليتي ڪري آئوٽ لوڪيشن ڪرائي بنا خوف جي پنهنجا لڪائا ٺاهي ڊوائيسون هلائڻ لڳا جڏهن تہ ڊوائيس هولڊرن اڳيان پوليس بہ خاموش تماشائي بڻيل جنهن ڪري مستحق عورتن جي وظيفي مان هڪ هزار کان بہ هزار تائين مبينا ناجائز ڪٽوتي ڪري رهيا آهن هتان جي ساجاهہ وندن ڊي سي ٽنڊو محمد خان ڊي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ڊي ايس پي بلڙي شاهہ ڪريم ۽ ايس ايڇ او بلڙي شاهہ ڪريم کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي تہ بلڙي شاهہ ڪريم ۾ پهرين جيان وري بہ ٽائون ڪميٽي بلڙي شاهہ ڪريم ۾ سينٽر قائم ڪري مستحق عورتن کي رولڙي کان بچايو وڃي.

بقايا سنڌيار 21

پگهارون بند هجڻ خلاف ملازمن اسلم پنهور، نظام ڪوسو، محمد بخش بروهي،جبار ڏهر ۽ ٻين احتجاجي مظاهرو ڪري هٿن ۾ بينر کڻي پبلڪ هيلٿ کاتي جي ڪامورن خلاف چٽي نعري بازي ڪئي. پبلڪ هيلٿ کاتي جي انجنيئر محمد اسلم ڏاهري بنا جواز 71 ملازمن جون گذريل 10 مهينن کان پگهارون بند ڪري ڇڏيون آهن جنهن سبب سندن خاندان ڦاڪاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن،ملازمن چتاءُ ڏنو تہ پگهارون جاري نہ ڪيون ويون تہ آرو پلانٽن جي تالا بندي ڪري احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 22

۽ مقامي ماڻهن پاران زخمين کي نازڪ حالت ۾ فوري طور تي ريسڪيو ڪري رورل هيلٿ سينٽر بلڙي شاهہ ڪريم آندو ويو جتان زخمين کي شروعاتي طبي امداد ڏئي وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد ريفر ڪيو آهي. ياد رهي تہ موٽرسائيڪل سوار ڳوٺ علي خان جلالاڻي کان جهوڪ شريف طرف وڃي رهيا هئا تہ رستي ۾ هي واقعو پيش آيو جڏهن تہ سموري زخمين جي ڊاڪٽرن پاران حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي وئي آهي جڏهن تہ ڪار سوار مختيارڪار زاهد ابڙو محفوظ رهيو اهڙي واقعي جي اطلاع تي حد جي بلڙي شاهہ ڪريم پوليس بلڙي شاهہ ڪريم جي اسپتال پهچي جتي ڪار ڊرائيور ميرپور بٺوري مختيارڪار زاهد ابڙو جي ڪار سميت بلڙي شاهہ ڪريم پوليس پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي

بقايا سنڌيار 23

طرفان آيل بہ هزار ماڻهن کي رمضان پيڪيج سامان جا بہ هزار بيگس ڏنا ويا جڏهن تہ محتسب الله ملي چام فراق بيگ مختيار ڪار ڪلوئي سجاد احمد انصاري بہ ڀهجي غريب ماڻهن کي ملندڙ سامان جي افتتاح ڪيو انهي موقعي تي فرشتا فائونڊيشن جي اڳواڻ اڪبر فاروقي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ اسان هتي جي ماڻهن جي حال کي ڏسندي مخير حضرات جي تعاون سان رمضان شريف ۾ روزا رکندڙ بہ هزار کان وڌيڪ ماڻهن کي سڪو راشن ڏنو ويو آهي جنهن ۾ اٽو کنڊ گهيہ دال چانور ۽ ٻيو سامان پڻ گڏ آهي جڏهن تہ ان موقعي تي محتسب الله ملي فرحاد ڏهر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي تہ تمام خوشي جهڙي ڳالهہ آهي جو ٿر جي ڏورانهن علائقن ۾ فرشتا فائونڊيشن طرفان غريب ماڻهن کي مفت ۾ رليف جو سامان ڏنو پيو وڃي جڏهن تہ ان موقعي تي فرشتا فائونڊيشن جي ٽيم سان گڏ صحت ڪراچي جو مرڪزي اڳواڻ ارباب خالد محمود ۽ جڏهن تہ سڳا عرس سومرو جو صدر منور سومرو ۽ سليم سومرو ۽ سڳا ڪلوئي جو صدر ارباب اڪبر عادل پڻ گڏ هيا

بقايا سنڌيار 24

ڳاهو مسمات حوا ۽ مسمات سگهڙ کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ انڊس اسپتال بدين ريفر ڪيو ويو آهي. رمضان ڳاهو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ پڙهو ڳاهو اسڪول تي قبضو ڪرڻ ۽ جهيڙي لاءِ 40 کان وڌيڪ هٿياربند ڳوٺائي جهيڙو ڪري اسان کي کهاڙيون هڻي زخمي ڪيو آهي. هن چيو تہ اسڪول لاءِ مون پنهنجي زمين وقف ڪري اسڪول قائم ڪرايو پر اسان جا مخالف پڙهو ڳاهو وارا ڏاڍ مڙسي ڪري اسڪول تي قبضو ڪرڻ لاءِ هٿيار بندن هٿان اسان کي مارايو آهي.

بقايا سنڌيار 25

منعقد ٿي، وفد کي ٺٽي ضلعي جي تاريخ، ثقافت، ترقياتي منصوبن، تعليم، صحت ۽ ٻين انتظامي معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ ٺٽو سنڌ جو قديم ۽ پراڻو ضلعو هئڻ سان گڏ ماضي ۾ علم ۽ ادب جو مرڪز پڻ رهيو آهي. هن چيو تہ ٺٽي جي تاريخ نہ رڳو هزارين سال پراڻي پر ماضي ۾ سنڌ جي راڄڌاني ۽ اسلام جي شروعات بہ هتان کان ٿي جنهن سبب ٺٽي کي باب الاسلام جو لقب پڻ حاصل آهي. ڊپٽي ڪمشنر وفد کي ٻڌايو تہ ماضي ۾ ٺٽي جا ساحلي علائقا ڪيٽي بندر، شاهبندر ۽ ديبل بندرگاهہ ڪاروبار جي لحاظ کان اهم رهيا آهن. جڏهن تہ يورپي ۽ ايشيائي ملڪن جو ڪاروبار بہ هتان کان ٿي ٿيندو هو هن چيو تہ هتي شاهجهان مسجد، دبگير مسجد، سونڌا قبرستان، پنهور، ڪينجهر ۽ هاليجي ڍنڍ ۽ تاريخي مڪلي قبرستان تاريخ جا انمول ۽ شاندار ماڳ موجود آهن. جڏهن تہ ماضيءَ ۾ تعليمي ۽ مذهبي لحاظ سان هتي سوين مدرسا ۽ يونيورسٽيون بہ قائم هيون. دنيا جي مختلف ملڪن مان علم جا اڃايل هتي اچي ديني ۽ دنياوي تعليم حاصل ڪندا هئا. ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ ٺٽو عظيم بزرگ شخصيتن جو شهر آهي جتي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، شاهہ مراد شيرازي، عبدالله شاهہ اصحابي، جام نظام الدين سمن عرف جام ننڍو ۽ دولهہ دريا خان، مائي مڪلي ۽ ٻين ڪيترن ئي مشهور شخصيتن جا تاريخي مقبرا بہ شامل آهن. ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو مهمانن کي ضلعي ۾ هلندڙ ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ ڏيندي چيو تہ ضلعي انتظاميہ پاران ضلعي جي ترقي ۽ عوامي ڀلائي تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي تہ جيئن عوام کي گهربل بنيادي سهولتون فراهم ڪري سگهجن. هن چيو تہ ضلعي ۾ تعليم جي بهتري لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت جي منظوري سان هتي آءِ بي اي ۽ سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس جهڙا ادارا قائم ڪيا ويا آهن. هن چيو تہ ٺٽو ضلعو قدرتي وسيلن سان مالا مال آهي. هتي قيمتي پٿر، پيٽرول، گيس ۽ ٻيا معدني ذخيرا پڻ موجود آهن ان کان علاوه پاڪستان جو وڏو ونڊ ڪوريڊور بہ هن ضلعي ۾ آهي جيڪو ڪيترائي ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري نيشنل گرڊ کي فراهم ڪري ٿو. ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ ٺٽو هڪ پرامن ضلعو آهي ۽ هتي دهشتگردي، ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ مذهبي فسادن جو ڪو بہ عنصر ناهي. ان موقعي تي وفد ڊپٽي ڪمشنر کان مختلف مسئلن تي سوال پڇيا جن جا ڊپٽي ڪمشنر اطمينان بخش جواب پڻ ڏنا، وفد ڊپٽي ڪمشنر جي بريفنگ ۽ تعاون تي شڪريو ادا ڪيو ۽ اداري طرفان شيلڊ پڻ پيش ڪئي جڏهن تہ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون رياض حسين لغاري آيل مهمانن کي شيلڊ، سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا. ان کان اڳ وفد مڪلي قبرستان، شاهجهان مسجد، ڪينجهر، پنهور ۽ ٻين تاريخي ماڳن جو دورو پڻ ڪيو

بقايا سنڌيار 26

ماڻهن جا خدشا ختم ڪري روزگار ۽ سهولتون فراهم ڪرڻ. ماحولياتي گدلاڻ لاءِ ٽيڪنيڪل پروجيڪٽ ۽ وڻ لڳائڻ، قدرتي وسيلن جي مالڪي جو حق ۽ ليزون مقامي ماڻهن کي ڏيڻ. ٿرجي زمين ۽ شهرن جي مڪمل سروي ڪرڻ ۽ ٻيا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ جو وفاقي ۽ سنڌ سرڪار کان مطالبو ڪيو آهي. اهڙو اظهار ٿر جي بنيادي مسئلن جي حل ، ۽ ماحولياتي تباهي جا سبب ڄاڻڻ لاءِ ٺهيل ٿر سٽيزن فورم جي اڳواڻن اوبايو جوڻيجو، وسند ٿري،اعجاز بجير، قربان سميجو، ديال صحرائي ۽ ٻين اسلام آباد نيشنل پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو. هنن چيو تہ ٿر جا مسئلا پاڪستان جي ٻين ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ نڪتا آهيون. ٿر جا 2600 ڳوٺ بنيادي وسيلن کان محروم آهن. ٿرجي ماڻهن جي بنيادي طور رڳو برسات تي آهي. مسلسل خشڪ سالي جي ڪري مسئلا وڌيا آهن.خودڪشين ۾ اضافو ٿيو آهي. ٿرجي ڪوئلي ۽ معدنيات ڪڍيو پيو وڃي، پر ماڻهن کي ڪابہ سهوليت ناهي ڏني وئي. ٿرجي ماحول جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي.ٿر ۾ ڪوئلي ڪڍڻ لاءِ جامع پاليسي آندي وڃي. متاثر ماڻهن کي مناسب معاوضا نہ پيا ڏنا وڃن. فورم مطالبو ٿو ڪري تہ ڪوئلي جا منصوبا ٿرجي ماحوليات کي تباهہ ڪري رهيا آهن. ٿرين جي صحت بہ خراب پئي ٿئي. ٿرپارڪر جو مڪمل زميني سروي ڪيو وڃي. پيئڻ جي پاڻي جو مسئلو ٿر جو مک مسئلو آهي. پيئڻ جي صاف پاڻي جي پهچ کي يقيني بڻايو وڃي.ڪارونجهر جبل جي ڪٽائي بند ڪري جبل کي عالمي ثقافتي ورثي جو درجو ڏنو وڃي. ٿر ۾ سياحت کي هٿي ڏني وڃي ۽ لوڻ جي کاڻن جا ليڪا مقامي آبادي کي ڏنا وڃن. آدم شماري جي موجوده عمل کي تسليم نٿا ڪريون. ماحولياتي حوالي سان ڪوئلي جا پراجيڪٽ ٿر جي تباهي جو سبب بڻجي رهيا آهن. ڪارونجهر تي مختلف ماڻهن جا ۽ حڪومتن جا پراجيڪٽ آهن اندر گرائونڊ پاڻي جي سطح هيٺ پئي وڃي . اهو زهريلو ٿي پئي ڦلڻ جي بيماري ۾ اضافو پيو ٿئي فاريسٽ متاثر پئي ٿئي ڪوئلي جي ڪوئلي جي ڪري نقصان جي ريزلٽ گهٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪري. هنن ٿر سٽيزن فورم جي چيئرمين اوبايو جوڻيجو،وسند ٿري،اعجاز بجير،قربان سميجو،ديال صحرائي پريس ڪانفرنس ڪندي وڌيڪ چيو تہ 19 هزار اسڪوائر ڪلوميٽر تي ٿر ٻڌيل آهي،جنهن مان 9 هزار اسڪوائر ڪلوميٽر تي ڪوئلو آهي، ڪوئلو ڪڍي عيوض ۾ ماڻهن کي ڪجهہ نہ ڏنو ويو، لينڊ گرانٽ پاليسي آندي وڃي ۽ ٿر کي محفوظ بڻايو وڃي،جامع پاليسيون جوڙيون وڃن.هنن چيو تہ ڪوئلي جي کوٽائي نہ ڪئي وڃي،ٿر ۾ عالمي قانون تي عمل ڪيو وڃي،ڪوئلي جا منصوبا ماحولياتي گدلاڻ جو سبب بڻيل رهيا آهن،ڪمپنيون ڪي ٿر تي ڪنٽرول ڪري ماحول بهتر بڻائي،ٿرجي ٿيائين ۽ نوجوانن کي تعليم ڏني وڃي،ٿرجي مڪمل سروي ڪئي وڃي، پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ آهي،لڳل پلانٽ خراب آهن. ڪارونجهر اسان جو عالمي ورثو آهي،انهي کي نيشنل پارڪ جو درجو ڏنو وڃي، ڪوئلي جي زمين ليز تي ورتي وڃي،سياحت تي ڪم ڪيو وڃي. لوڻ جون کاڻيون روزگار آدمشماري کي رد ڪيون ٿا ۽ ٻيهر آدمشماري ڪئي وڃي، ڪارونجهر کي ڪٽائي ڪرڻ ۾ رياست جا ماڻهو شامل آهن، ڪارونجهر کي ڪٽيو پيو وڃي هن تي مڪمل پابندي لڳائي وڃي. هنن چيو اسان جا سمورا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن

بقايا سنڌيار 27

ڪاوڙ جو اظهار، هڪ مهيني اندر سيٽي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت، صحيح جواب ڏيندڙ شاگردن کي انعام ڏنا. تفصيل موجب ڊپٽي ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪولس سکر جنيد احمد چاچڙ پاران انسپيڪشن جي سلسلي ۾ سرحد جي مختلف نجي اسڪول شاهہ لطيف پبلڪ هاءِ اسڪول، اقرا پبلڪ اسڪول، آئيڊيل بگنگ اڪيڊمڪ اسڪول، يونيورس آف ڪڊز پبلڪ اسڪول دعا پبلڪ اسڪول، سٽي پبلڪ اسڪول، الفتح پبلڪ اسڪول سميت ٻين اسڪولن جا دورا ڪيا، دوري دوران اسڪولن جو رڪارڊ جنرل رجسٽر، رزلٽ سيٽ، فري شپ شاگردن جي لسٽ، ٻارن جي ڪارڪردگي، سميت اسڪولن اندر مهيا ڪيل بنيادي سهولتن صاف پاڻي، شاگردن لاءِ ٺهيل واشروم سميت عمارت پڻ جاچ ورتي مختلف اسڪولن اندر بنيادي سهولتن جي کوٽ تي ڊپٽي ڊائريڪٽر پرائيويٽ اسڪولس جنيد احمد چاچڙ پاران ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ويو ۽ هڪ مهيني اندر سيٽي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي، ڊپٽي ڊائريڪٽر پاران صحيح جواب ڏيندڙ شاگردن جي حوصلا افزائي ڪئي ۽ انعام پڻ ڏنا. انسپيڪشن دوران ڊپٽي ڊائريڪٽر جنيد احمد چاچڙ سان سر شاهد حسين ڪولاچي ۽ عطا حسين سومرو گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 28

آهي چو تہ رمضان المبارڪ ۾ گهڻا ماڻهون روزيدار هوندا آهن انڪري شهر ۾ کاڌي پيتي جا اسٽال ۽ هوٽلون کليل هئڻ ڪري بغير روزيدار کاڌو سر عام کائن ٿا اها ڳالهہ ڪنهن بہ طرح سان سٺي ڪانهي اسلامي ملڪ هئڻ ڪري اسان کي هر قسم جو احترام ڪرڻ گهرجي ۽ حڪومت جي ذميواري آهي تہ هو احترام واري پاليسي تي عمل ڪرائي. واپاري ايسوسيئيشن گهارو جي صدر پونڊاس ٽيڪيائي چيو تہ اسان هميشہ رمضان شريف جي احترام ۾ پنهنجي واپارين کي پابند ڪيو آهي تہ کاڌي پيتي جي شين جي اگهہ ۾ مناسب گهٽتائي ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي ۽ احترام ڪندي کاڌي جا اسٽال جهڙو ڪر پڪوڙي جا اسٽال ۽ تيار ٿيل کاڌو ڏينهن جو 3 وڳي کانپوءِ کوليا وڃن ان موقعي تي مولانا سليم عاطف چانڊيو مولوي محمد قاسم چانڊيو مولوي سلمان فارسي مولوي غلام محمد . مولانا شڪيل چانڊيو . پونڊاس ٽيڪيائي صدر واپاري ايسوسيئيشن گهارو، عبدالحميد عمراڻي. گهارو پريس ڪلب جو صدر مختيار لاشاري ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 29

ڪوسو جو النور شگر مل شاهہ پور جهانيان جي ڪوارٽر مان تشدد ٿيل لاش هٿ آيو آهي . شاهہ پور جهانيان ۽ دولت پور پوليس ڪيس جي جاچ ۾ سستي ڪري رهي آهي جنهن ڪري سخت پريشان آهيون هوڏانهن شاهہ پور جهانيان جي مل انتظاميا جي ڪوارٽر مان تشدد ٿيل لاش ملڻ جي سخت ذميوار مل انتظاميا کي سمجهو ٿا انهن ڊي آئي جي شهيد بينظيرآباد يونس چانڊيو کان مطالبو ڪيو تہ هن معاملي جو نوٽيس وٺي مقتول جي وارثن سان انصاف ڏيارڻ لاءِ ڪيس جي جاچ ڪري قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي.

بقايا سنڌيار 30

ڊي پنهنجي جاءِ تي رهندي رهندي ۾ جيڪي قدرتي وهڪرا ايل بي او ڊي سبب بند ٿيا آهن انهن وهڪرن کي چار جاين تي سائفن ڏنا پيا وڃن هڪ آر ڊي 275، ٻيون آر ڊي 251، ٽيون آر ڊي 239 ۽ چوٿون آر ڊي 210 هن چيو تہ سمورا قدرتي وهڪرا شڪور ڍنڍ ۾ چوڙ ڪندا هن چيو تہ مقامي ماڻهن جي سهڪار سان هي پروجيڪٽ مڪمل ٿيندو صوبائي وزير چيو تہ پروجيڪٽ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ هوان علائقي ۾ ڪيمپ لڳائي ويهندو هن چيو تہ ضلعو بدين زرعي طور تي مالا مال آهي پر ڪڏهن ٻوڏ تہ ڪڏهن سوڪرو يا سمنڊ جي چاڙهہ هن ضلعي کي تمام گهڻو نقصان پهچايو آهي هن چيو تہ پاڻي جو سمنڊ ۾ نيڪال بدين کان سواءِ ٻي پاسي کان نہ آهي هن چيو تہ ماضي ۾ ايل بي او ڊي جا جتي بہ بند ڪٽا آهن انهن جاين تي ريگوليٽر لڳايا پيا وڃن هن چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي جي اعلي قيادت بدين لاءِ فڪرمند آهي جڏهن بہ بدين لاءِ پروجيڪٽ گهريو ويو آهي تہ اهو پروجيڪٽ ضرور مليو آهي هن چيو تہ بدين جي ماڻهن کان ملندڙ محبتون هميشہ ياد رهنديون تقريب کي خطاب ڪندي ايم پي اي تاج محمد ملاح چيو تہ شڪور ڍنڍ ۽ ڍنڍ وينڊ ڍوري جي پاڻي ڪڍڻ جي سگهہ وڌائي وڃي پراڻي وهڪري جي سگهہ 5 سو ڪيوسڪ آهي جنهن کي وڌائي 10 هزار ڪيوسڪ ڪئي وڃي تقريب کي بريفنگ ڏيندي چيف انجنيئر ظريف کيهڙو چيو تہ هن پروجيڪٽ جي مڪمل ٿيڻ سان ايل بي او ڊي سان لاڳاپيل سمورا مسئلا حل ٿي ويندا تقريب ۾ ايم پي اي مير الله بخش ٽالپر ايم پي اي حاجي محمد هاليپوٽو، ايم پي اي مير طارق ٽالپر، پاڪستان پيپلزپارٽي جو ضلعي صدر حاجي محمد رمضان چانڊيو اڳوڻو ناظر سردار ڪمال خان چانڱ، سياسي ۽ سماجي اڳواڻ واحد هاليپوٽو، مينيجنگ ڊائريڪٽر سيڊا پريتم داس آبپاشي کاتي جا آفيسر ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 31

گذرڻ بہ مشڪل بڻجي ويو آهي پر ٽائون ملازم جي نا اهلي حد ڪري ڇڏي صفائي ڪرڻ کان لوڙهينڊا رهيا آهن گٽرن جي گندي پاڻي بيهڻ ڪري ڪيترن ئي مختلف بيمارين جنم پڻ ورتو آهي شهر جي صفائي نہ ٿيڻ ڪري شهر تباهہ نظر اچي ٿو شهرين مطالبو ڪيو آهي تہ سول هاسپيٽل روڊ سميت مليائي روڊ هيلائي چونڪ ۽ ٻين ڪيترن ئي محلن ۾ گٽرن جي مڪمل صفائي نہ ٿيڻ سبب گٽرن ، نالين جو ٻيهر ڪم ڪيو شهري عوام مان بيچيني ختم ڪئي وڃي ۽ تہ جيئن شهر نوشهرو فيروز جي ٻيهر رونق بحال ٿي سگهي.

بقايا سنڌيار 32

ميڊم شازيہ الماس چيو تہ اسان جي تنظيم جو مقصد ٺٽي ۾ تعليم کي عام ڪرڻ آهي اسان پنهنجي موجوده قوت موجب وچولي ۽ غريب طبقي کي معياري تعليم فراهم ڪندا آهيون اها بہ گهٽ قيمت تي ۽ حڪومت طرفان مقرر ڪيل ڏهہ سيڪڙو مفت وظيفي جنهن سان غريب طبقي جو احساس محرومي بہ ختم ٿيندي، ان موقعي تي پاڪستان پرائيويٽ اسڪولز ايسوسي ايشن ٺٽو جي نائب صدر جليل الرحمان، جنرل سيڪريٽري مشتاق علي سومرو پڻ خيالن جو اظهار ڪيو هنن چيو تہ آل پاڪستان پرائيويٽ اسڪولز ايسوسي ايشن ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي ٻهرين تنظيم آهي جنهن عوام جي بي لوث خدمت ڪري رهي آهي اسان هميشہ تعليم جي ميدان ۾ سليون خدمتون سرانجام ڏنيون آهن آل پاڪستان پرائيويٽ اسڪولز ايسوسي ايشن ڪنهن هڪ فرد جو نالو ناهي، چو تہ اهو هڪ منظم ادارو آهي جيڪو معياري تعليم لاءِ ڪوشش ڪري ٿو.

بقايا سنڌيار 33

ڪونايل سالگره تقريب ۾ اديب شاعر پروفيسر ڊاڪٽر شير مهراڻي، ملڪي ويلفيئر آرگنائيزيشن صدر ڊاڪٽر مدد علي ٻگهيو ڊاڪٽر ممتاز بلوچ، شبير احمد پتو پروفيسر تاج الدين برڙو، سچ سوشل ويلفيئر جي چيئرمين وهاب سومرو، مير بنگلاڻي، علي اڪبر مغيري. ڪامريڊ شبير راجپر غلام مصطفي عباسي، مدد علي اولو فقير نظير چانڊيو، اسد چانڊيو حاجي غلام نبي ٻگهيو. عبدالحميد جمالي. نواب ٻگهيو صحافين گڏاب پريس ڪلب جي صدر سعيد چانڊيو جنرل سيڪريٽري باغي ساگر پنهوار، دلدار سيلرو، عبدالجبار چانڊيو جعفر گوپانگ ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي صحافين توڙي سماجي اڳواڻن سالگره جي موقعي تي صحافي غوث ٻگهيو کي گلن اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا. ان موقعي تي قلم ڌڻين ۽ سياسي سماجي اڳواڻن طرفان صحافي غوث ٻگهيو جي صحافتي ۽ سماجي خدمتن تي ڳالهائيندي چيو تہ غوث ٻگهيو هر شعبي سان وابسته ماڻهن جي قلمي پورهئي سان خدمت ڪئي آهي عوامي مسئلن کي بهتر نموني سان اجاگر ڪيو آهي جڏهن تہ هو سماجي ڪمن ۾ بہ صف اول طور بيٺل نظر ايندو آهي صحافي غوث ٻگهيو برسات متاثرن جي خدمت ڪرڻ لاءِ سنڌ بلوچستان خاص ڪري ڪي اين شاهہ ۽ سيوهڻ وارن برسات متاثرن ۾ مڪلي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي ساٿ سان لکين رپين جو راشن گرم ڪپڙا ۽ ٻيون زندگيءَ جون ضروري شيون موهيا ڪيون ان کان علاوه فري ميڊيڪل ڪيمپ قائم ڪري مفت علاج مفت ماهر ڊاڪٽرن جي نگرانيءَ هيٺ ڀرپور نموني سان مريضن کي چيڪ ڪيو دوائون ڏنيون معذورن کي ويل چيئر وٺي ڏيڻ پنهنجو فرض ادا ڪيو ان جي ڪيل خدمت عيوض اڄ سنڌس ملڪي ويلفيئر آرگنائيزيشن ۽ مليڙ نيشنل پريس ڪلب طرفان سالگره ملهائي گلن جي ورکا ۽ لفظن جي ڀيٽا پيش ڪرڻ جو اسان کي موقعو فراهم ڪيو ويو آهي. هنن وڌيڪ چيو تہ ايندڙ وقت ۾ بہ غوث ٻگهيو عوامي توڙي سماجي مسئلن واري ڪمن ۾ اڳڀرو رهندو.

بقايا سنڌيار 34

جي وڌندڙ وارداتن خلاف شهري، واپاري ۽ سياسي سماجي تنظيمن جا اڳواڻ روڊن تي اچي ويا، ڏڙو جي ٽيڪسي اسٽاپ پرسان واپاري سليمان سومرو جي دڪان مان لڳ ڀڳ 3 لک روپين کان وڌيڪ ڪاٽ ۽ هول سيل جي واپاري الهڏنو ڪوري کان گهر ٻاهران هٿياربند هٿان 6 لک روپيا روڪ رقم ڦر ڪرڻ خلاف ضلع ڪائونسل جي ميمبر عبدالعزيز سومرو، رياض سومرو، اقبال سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شٽرڊائون هڙتال ڪري ٽيڪسي اسٽاپ وٽ احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جنهن ۾ پ پ جي سابق ايم اين اي ارباب وزير ميمڻ. واپاري اڳواڻ نظير سومرو، محمد خان ڪچي رشيد آزاد خليفي محمد بخش سميت ٻين يڪجهتي طور شرڪت ڪئي، ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ پوليس انتظاميا جي نااهلي سبب شهر ڏوهارين ۽ لوفرن حوالي ٿي ويو آهي. عوام جي جان ۽ مال جي ڪا بہ حفاظت ناهي. هنن چيو تہ هٿياربند گذريل ڏينهن هول سيل جي واپاري الهڏنو ڪوري کان گهر ٻاهران 6 لک روپيا ڦر ڪري ويا. جڏهن تہ اڄ واپاري سليمان سومرو جي دڪان مان لکين روپين جو ڪاٽ هنيو ويو آهي. عوام کي ڪوبہ تحفظ مهيا ناهي. هنن گهر ڪئي تہ ڏڙو شهر ۾ ڏوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪري شهرين کي امن فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 35

شاهہ لطيف ڀٽائي خطاب ڪندي چيو تہ اميد تہ لائبريري اتر سنڌ ۾ صوفي فڪر جي ڦهلاءَ ۽ عوامي سجاڳيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي ٻين درگاهن جي مريدن ۽ طالبن کي بہ پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ لائبريريون کولڻ گهرجن، سائين انور علي سومرو پڻ لائبريري کولڻ واري عمل کي لفظن ۾ ماپي ۽ توري نٿو سگهجي چو تہ علم ورهائڻ وارو ڪم ڪنهن وڏي اعزاز کان گهٽ نہ آهي. صحافي عديل علوي چيو تہ پٺتي پيل علائقي ۾ لائبريري جو قيام اوندهہ ۾ ڏيئو ٻارڻ برابر آهي، ان موقعي تي ڪالمسٽ نسيم بخاري مير معرفاڻي وڏيري سليم رضا اوڍو رئيس صدالدين سنجراڻي سماجي اڳواڻ غلام علي "گل" ميمڻ ڊاڪٽر نصرالله سنجراڻي شهاب سنجراڻي ۽ ٻين پڻ پنهنجا ويچار ونڊيا.

بقايا سنڌيار 36

خالده اوتيرو ۽ ٻين هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو مقتول جي وارثن ٻڌايو تہ ايس ايڇ او بکرو ٿاڻي مک قاتلن جا نالا ايف آءِ آر مان خارج ڪرڻ ۽ راڄوڻي ڌمڪائي رهيو آهي هنن چيو تہ باثر جوابدار دلشاد لغاري مثل لغاري، وحيد لغاري ۽ ٻيا ڪيس تان هٽ ڪرائڻ لاءِ وڏيرا ۽ سياسي پوتار موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن، مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو تہ مک قاتلن کي ڪيس ۾ شامل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 37

عبدالنبي لغاري، ٽيلي فون آفيسر خادم حسين پتوايڪسين لاڙڪاڻو ظهور احمد قريشي،ايس ڊي او واپڊا نئون ديرو سجاد حسين ميمڻ، ڊي اي او پرائمري لاڙڪاڻو انيس الرحمان جلباڻي، ڊي ايس پي نئون ديرو فدا حسين لانگاهہ ايس ايڇ او ڳڙهي خدا بخش ڀٽو نثار احمد بروهي ،سارجنٽ لاڙڪاڻو عبدالوحيد ابڙو ۽ ٻين جي شرڪت اجلاس ۾ ڊي سي رابعہ سيال پاران 4 اپريل کان اڳ مزار ۽ ان جي ڀرپاسي صفائي سٿرائي، رهيل ترقياتي ڪمن، پاڻي، بجلي، مزار جي اندر رهيل ڪمن توڙي رنگ روغن جي ڪمن کي اڪلائڻ جون سختي، سان هدايتون جاري ڪيون ڊي سي لاڙڪاڻو رابعا سيال خطاب ڪندي چيو تہ ورسي جو تمام وڏو اجتماع ٿيندو آهي جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي نہ ٿيڻ گهرجي ۽ جيڪي بہ ڪم رهيل آهن انهن کي اپريل مهيني کان اڳ مڪمل ڪيو وڃي تہ جيئن ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ايندڙ ماڻهن کي پيئڻ جي صاف پاڻي سميت سمورين سهولتن ميسر ٿي سگهن مختلف کاتن جي انتظامي عملدارن کي سمورا ڪم مڪمل ڪرڻ لاءِ سختيءَ سان پابند ڪيو ويو آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪوتاهي ڪندڙن کي ڪنهن بہ صورت ۾ برداشت نہ ڪيو ويندو — مزار اندر، ٻاهر توڙي اسٽيج تي مختلف هنڌن تان جتي بہ ٽائل يا ماربل پگهل ٽٽل آهن انهن کي فوري تبديل ڪيو وڃي ۽ فرش جتي خراب آهي ان کي بہ درست ڪري رنگ روغن جو ڪم بہ تڪڙو اڪلايو وڃي. مزار جي چوديواري سميت واش رومز جي حالتن کي بهتر بڻايو وڃي ۽ دروازا بند نہ ٿيڻ وارين شڪايتن کي نظر ۾ رکي انهن کي بہ درست ڪيو وڃي — ٽريفڪ انتظامن جي حوالي سان ٽريفڪ سارجنٽ کي سختيءَ سان اڃان وڌيڪ بهتري آڻڻ جون هدايتون ڪيون ويون — سمورا انتظام تڪڙا اڪلائي ورسيءَ کان 4 ڏينهن اڳ رپورٽ جمع ڪرائي وڃي. ڳڙهي خدابخش ڀٽو، نئون ديرو ۽ ڀرپاسي جي علائقن ۾ بجليءَ جي 24 ڪلاڪ فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي، نئون ديرو، رتوديرو، بنگلديرو، سعدو ديرو کان هينڊ پمپ لڳائڻ سان گڏ صفائي سٿرائي ۽ روڊ رستن جي ڪم کي بہ تڪڙو اڪلايو وڃي ۽ لائيٽنگ جو انتظام بهتر ڪيو وڃي — ڊي سي لاڙڪاڻو پاران هدايتون جاري ڪيون ويون.

بقايا سنڌيار 38

اظهر جرڪيو مجاهد سامٽيو ڊاڪٽر ذوالفقار سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي مهمانن کي اجرڪ جا تحفا پارايا ويا جڏهن تہ مقررين اقبال احمد ڳاڪاهي جي زندگي تي روشني وجهندي خطاب ڪندي چيو تہ ننڍپڻ کان ئي اقبال باخلاق باادب ۽ ٻہ ڪندر ڳالهيون ڪندڙ انسان هوندو هو اهائي سندس جي وڏي سڃاڻپ هوندي هئي اقبال هالائي ۾ سنڌي ادبي شاخ جو بنياد وڌو هر ننڍي وڏي ماڻهن سان سندس جو رويو پيار محبت ۽ خلوص وارو رهندو آهي جيڪو ماڻهن کيس کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو آهي،پوءِ بہ ان کي معافي ڏئي ڇڏيندو آهي،مقررين وڌيڪ چيو تہ اقبال بي مثال انسان آهي اسان سڀ سندس جي وڏي ڄمار لاءِ دعاگو آهيون پروگرام جي ڪمپيئرنگ صحافي ساحل ماجد سمون ڪري ويٺلن جون دليون موهي ورتيون آخر ۾ اقبال ڳاڪاهي کي مالها اجرڪون ۽ نوٽن جا هار پارائي مبارڪباد پيش ڪيون ويون

بقايا سنڌيار 39

منعقد ٿي، وفد کي ٺٽي ضلعي جي تاريخ، ثقافت، ترقياتي منصوبن، تعليم، صحت ۽ ٻين انتظامي معاملن بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ ٺٽو سنڌ جو قديم ۽ پراڻو ضلعو هئڻ سان گڏ ماضي ۾ علم ۽ ادب جو مرڪز پڻ رهيو آهي. هن چيو تہ ٺٽي جي تاريخ نہ رڳو هزارين سال پراڻي پر ماضي ۾ سنڌ جي راڄڌاني ۽ اسلام جي شروعات بہ هتان کان ٿي جنهن سبب ٺٽي کي باب الاسلام جو لقب پڻ حاصل آهي. ڊپٽي ڪمشنر وفد کي ٻڌايو تہ ماضي ۾ ٺٽي جا ساحلي علائقا ڪيٽي بندر، شاهبندر ۽ ديبل بندرگاهہ ڪاروبار جي لحاظ کان اهم رهيا آهن. جڏهن تہ يورپي ۽ ايشيائي ملڪن جو ڪاروبار بہ هتان کان ٿي ٿيندو هو هن چيو تہ هتي شاهجهان مسجد، دبگير مسجد، سونڌا قبرستان، پنهور، ڪينجهر ۽ هاليجي ڍنڍ ۽ تاريخي مڪلي قبرستان تاريخ جا انمول ۽ شاندار ماڳ موجود آهن. جڏهن تہ ماضيءَ ۾ تعليمي ۽ مذهبي لحاظ سان هتي سوين مدرسا ۽ يونيورسٽيون بہ قائم هيون. دنيا جي مختلف ملڪن مان علم جا اڃايل هتي اچي ديني ۽ دنياوي تعليم حاصل ڪندا هئا. ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ ٺٽو عظيم بزرگ شخصيتن جو شهر آهي جتي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، شاهہ مراد شيرازي، عبدالله شاهہ اصحابي، جام نظام الدين سمن عرف جام ننڍو ۽ دولهہ دريا خان، مائي مڪلي ۽ ٻين ڪيترن ئي مشهور شخصيتن جا تاريخي مقبرا بہ شامل آهن. ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو مهمانن کي ضلعي ۾ هلندڙ ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ ڏيندي چيو تہ ضلعي انتظاميہ پاران ضلعي جي ترقي ۽ عوامي ڀلائي تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي تہ جيئن عوام کي گهربل بنيادي سهولتون فراهم ڪري سگهجن. هن چيو تہ ضلعي ۾ تعليم جي بهتري لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت جي منظوري سان هتي آءِ بي اي ۽ سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس جهڙا ادارا قائم ڪيا ويا آهن. هن چيو تہ ٺٽو ضلعو قدرتي وسيلن سان مالا مال آهي. هتي قيمتي پٿر، پيٽرول، گيس ۽ ٻيا معدني ذخيرا پڻ موجود آهن ان کان علاوه پاڪستان جو وڏو ونڊ ڪوريڊور بہ هن ضلعي ۾ آهي جيڪو ڪيترائي ميگاواٽ بجلي پيدا ڪري نيشنل گرڊ کي فراهم ڪري ٿو. ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ ٺٽو هڪ پرامن ضلعو آهي ۽ هتي دهشتگردي، ٽارگيٽ ڪلنگ ۽ مذهبي فسادن جو ڪو بہ عنصر ناهي. ان موقعي تي وفد ڊپٽي ڪمشنر کان مختلف مسئلن تي سوال پڇيا جن جا ڊپٽي ڪمشنر اطمينان بخش جواب پڻ ڏنا، وفد ڊپٽي ڪمشنر جي بريفنگ ۽ تعاون تي شڪريو ادا ڪيو ۽ اداري طرفان شيلڊ پڻ پيش ڪئي جڏهن تہ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون رياض حسين لغاري آيل مهمانن کي شيلڊ، سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا. ان کان اڳ وفد مڪلي قبرستان، شاهجهان مسجد، ڪينجهر، پنهور ۽ ٻين تاريخي ماڳن جو دورو پڻ ڪيو

آفيس آف دي ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ، حيدرآباد ريجن
روم نمبر 109 ، گرائونڊ فلور، بلاڪ اي، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد

Phone/Fax—022-9200917 No: F-Tender (Gen:) 2023-24/1018 Dated:21 March 2023

ٽينڊر نوٽيس، 2023 ڪڻڪ جي ٽرانسپورٽيشن جي لاءِ

سال 24_2023 جي لاءِ ضلعي کان ضلعي (ريجن اندر) ۽ ايمرجنسي بنيادن تي ٻين ريجن جي روٽس تي ڪڻڪ جي ٽرانسپورٽيشن جي لاءِ خواهشمند حصو وٺندڙن کان مهربند ٽينڊر گهرائجن ٿا. طئي ٿيل فارم ۽ آڇ دستاويزن جيڪي اشاعت جي پهرين تاريخ کان 29_03_2023 تائين آفيس وقت دوران هن آفيس مان في فارم 2000 رپيا (رپيا ٻہ هزار فقط) تي حاصل ڪري سگهجن ٿا يا سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي جي ويب سائيٽ (ppms.pprasindh.gov.pk) تان ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا.اهڙي صورت ۾ ٽينڊر جو ملهہ جي برابر رقم جو پي آرڊر آڇ سان گڏ شامل ڪيو وڃي جيڪي 30_03_2023 تي منجهند جو 01:00 وڳي تائين ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ حيدرآباد ريجن جي آفيس، روم نمبر 109 بلاڪ اي، گرائونڊ فلور شهباز بلڊنگ حيدرآباد ريجن ۾ پهچڻ گهرجن. جيڪي ساڳئي ڏينهن 30_03_2023 تي منجهند جو 02:00 وڳي پارٽيز يا انهن جي بااختيار نمائندن جن وٽ فرم جي مالڪن/ڊائريڪٽرز وٽان نمائندگيءَ جو اختياري ليٽر هوندي جي موجودگيءَ ۾ کوليا ويندا.

اين آءِ ٽي کي مٿي ڄاڻايل تاريخ تي موٽ نہ ملڻ جي صورت ۾ کولڻ جي ايندڙ تاريخ 07_04_2023 هوندي ۽ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ 06_04_2023 تائين هوندي. وقت ۽ جڳهہ ساڳيا رهندا. ٽينڊر کولڻ جي جڳهہ تي ڪو بہ ٽينڊر فارم جاري نہ ڪيو ويندو.

جيڪڏهن ٽينڊر کولڻ جي مٿي ڄاڻايل مقرر ڪيل تاريخن تي عام موڪل جي اعلان/عام فساد جي صورت ۾، ٽينڊر ايندڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ جڳهہ تي وصول ڪيا/کوليا ويندا.

آڇن جي ٽينڊرنگ جي لاءِ، هيٺ ڄاڻايل هدايتون پڻ مڪمل ڪرڻ گهرجن.

1. ٻيا شرط ۽ ضابطا. ڪم /روٽس جو تفصيل. شفٽ ٿيندڙ ڪڻڪ جو مقدار ۽ سيڪيورٽي ڊپازٽ جي رقم آڇ دستاويزن ۾ ڏيکاريل آهي ساڻ آڇن جي قبوليت ۽ رد ٿيڻ جا معيار پڻ ٽينڊر فارم سان ڳنڍيل آهي. جيڪي ريجنل فوڊ ڊائريڪٽوريٽ حيدرآباد مان ڪنهن بہ ڪم واري ڏينهن تي حاصل ڪري سگهجن ٿا يا سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي جي ويب سائيٽ (www.ppms.pprasindh.gov.pk)تان پڻ ڊائونلوڊ ڪري سگهن ٿا.اهڙي صورت ۾ ٽينڊر فارم جو ملهہ جي برابر اگهہ جو پي آرڊر آڇ سان گڏ شامل ڪيو وڃي
2. آڇ آڇون کولڻ جي تاريخ کان پوءِ 90 ڏينهن تائين جي مدي جي لاءِ موثر رهنديون.
3. ايس پي پي آر اي رولز 2010 (هاڻي تائين ترميم ٿيل) جي مطابق 5 سيڪڙو بِڊ سيڪيورٽي گهربل آهي جيڪا آڇ دستاويزن ۾ ڄاڻايل مقدار تي آڇيل رقم پاران ڪلڪيوليٽ ڪئي ويندي ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ شهيد بينظير آباد ريجن جي نالي ۾ ڪال ڊپازٽ/سي ڊي آر جي شڪل ۾ هجي جيڪا آڇ جي موثر رهڻ جي مدي کان پوءِ 28 ڏينهن تائين جي مدي جي لاءِ موثر رهندي. بِڊ سيڪيورٽي کانسواءِ ٽينڊرن تي غور نہ ڪيو ويندو جڏهن تہ. بِڊ سيڪيورٽي ناڪام آڇ ڏيندڙن کي ڪامياب آڇ ڏيندڙن کي ڪانٽريڪٽ ايوارڊ ڪرڻ ڪانپوءِ واپس ڪئي ويندي.جڏهن تہ ڪامياب آڇ ڏيندڙن جي 5 سيڪڙو بِڊ سيڪيورٽي پرفارمنس سيڪيورٽي جي بدلي ۾ رکي ويندي.
4. 101 ڪي جي گراس جو في بيگ اگهہ اکرن توڙي انگن ۾ ڪوٽ ڪرڻ گهرجي ۽ ان ۾ ٽرانسپورٽيشن/لوڊنگ/انلوڊنگ سينٽر/اندرين گدامن تي 15 کان 18 بيگس جو قطار ساڻ سوٽلي جي اگهن سان ٽورن سليڪ بيگس جي سٽيڪنگ اسٽجنگ جي ڪليڪشن بہ شامل هجي.
5. لفافن تي واضح طور لفظ "ٽينڊرز" لکيل هجي. آڇ ڏيندڙ پنهنجون آڇون ٻن الڳ لفافن تي مشتمل سنگل پيڪيج ۾ جمع ڪرائيندو. هرهڪ لفافو الڳ فنانشل پروپوزل ۽ ٽيڪنيڪل پروپوزل تي ٻڌل هجي. ايس پي پي رولز 2010 جي رول 46 (2) جي لاڳاپيل شقن موجب مونجهاري کان بچڻ لاءِ پهرين لفافي تي واضح ۽ چٽن اکرن ۾ "ٽيڪنيڪل پروپوزل" ۽ ٻئي تي "فنانشل پروپوزل "لکيل هجڻ گهرجي.
6. ڪامياب آڇ ڏيندڙ ادائيگي جي وقت سڀني لاڳو ٽيڪسز (انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس، اسٽيمپ ڊيوٽي وغيره) کي ادا ڪرڻ جو پابند هوندو
7. نامڪمل ٽينڊر(س) شيڊيول(س) ۽ نامڪمل بِڊ سيڪيورٽي تي غور نہ ڪيو ويندو ۽ اهڙا ٽينڊر رد ڪيا ويندا.
8. مقرر تاريخ ۽ وقت کانپوءِ پهتل ٽينڊرز تي غور نہ ڪيو ويندو
9. ٺيڪيدار پنهنجي يا پنهنجي مقرر ڪيل نمائندي جي موجودگيءَ ۾ سامان جي لوڊ ۽ انلوڊ ڪرائيندو. ٺيڪيدار ڪي پي آر سينٽر/گدامن جي انچارج کي وزن سميت بيگس جي درست ۽ وقت سر فراهمي ڏيڻي پوندي ۽ بيگس کي گودامن ۾ ڪٽپ جوڳي پوزيشن ۾ اسٽيڪ ڪرڻو پوندو ۽ هن جي طرف کان ناڪامي جي لاءِ فوڊ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ نوٽيفڪيشن نمبر SO(W)/Recovery/2021 تاريخ 07_05_2021 جي مطابق سزا لاڳو ڪئي ويندي.
10. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي لاءِ گهرجون.
    - i. واضح ڊيڪاريل ڪمپني پروفائل ۽ ڪمپني جي تاريخ آفيشل/رهائشي پتا، ٽيليفون نمبرز ۽ فرم جي مالڪ ۽/يا نمائندن جي قومي سڃاڻپ ڪارڊن جون ڪاپيون.
    - ii ايف بي آر ٽيڪس پيئر هجڻ جو ثبوت
    - iii سنڌ روينيو بورڊ جي ٽيڪس پيئر هجڻ جو ثبوت
    - iv ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ڊپارٽمينٽ کان پروفيشنل ٽيڪس ادائيگي جي سلسلي ۾ ثبوت (جتي لاڳو هجي)
    - v فرم جو رجسٽرار کان رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ (رجسٽرڊ فرم /ڪمپني جي صورت ۾).
    - vi بينڪ اسٽيٽمينٽ جيڪا ڪنهن بہ شيڊيولڊ بينڪ مان گذريل ٽن (3) سالن جو ساليانو 50 ملين رپين جو گهٽ ۾ گهٽ ٽرن اوور ڏيکاري.
    - vii ٽرانسپورٽر ڪانٽريڪٽرز جن اڳ ۾ فوڊ ڊپارٽمينٽ سان ڪم نہ ڪيو آهي کان ڪنهن بہ سرڪاري کاتي سان ڪموڊٽي جي هينڊلنگ ۽ ٽرانسپورٽيشن جو (3)ٽن سالن جو تجربو گهربل آهي.اهڙي صورت ۾ ٺيڪيدار کي گهرجي تہ اهو لاڳاپيل ڊپارٽمينٽ کان جاري ٿيل موثر ۽ اصل تجربي، پرفارمنس نو ڊيوز سرٽيفڪيٽ فراهم ڪري.
    - viii اهي ٽرانسپورٽر جن فوڊ ڊپارٽمينٽ ۾ ٽرانسپورٽيشن ڪم مڪمل ڪيو آهي کي گهرجي تہ اهي تازي پرفارمنس فراهم ڪن ۽ فوڊ ڊپارٽمينٽ جي سيني ريجنس مان لاڳاپيل ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ وٽان جاري ٿيل نو ڊيوز سرٽيفڪيٽ فراهم ڪن وڌيڪ تہ اهي ٺيڪيدار جن گذريل ٽن سال دوران حيدرآباد فوڊ ريجن ۾ ٽرانسپورٽ ڪم پورو ڪيو آهي کي لاڳاپيل ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر وٽان پرفارمنس ۽ نو ڊيوز سرٽيفڪيٽ فراهم ڪرڻ گهرجي.
    - ix 100 رپين جي جڊيشل اسٽيمپ پيپر تي هيٺيون حلف نامو:
        - 1) فرم ڪڏهن بہ بليڪ لسٽ ناهي رهيو ۽ نہ ئي فوڊ ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ وٽ ڊفالٽر آهي.
        - 2) تہ آڇ ڏيندڙ ڪنهن بہ نيب/اينٽي ڪرپشن ٽرائل کي منهن ناهي ڏنو.
        - 3) تہ ٺيڪيدار/فرم ذميواري تي پابند رهندو ۽ پاڻ ايوارڊ ٿيل ڪم جي تڪميل جو پاڻ ذميوار هوندو ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ ڪانٽريڪٽ نہ ڇڏيندو.
        - 4) تہ آڇ ڏيندڙ فرم جي ٺيڪيدار، ڊائريڪٽر(ز) ۽ /يا بااختيار نمائند(ن) جي دستخط جا (03) ٽي نمونا فراهم ڪندو جيڪي فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ (FCM) / اوٿ ڪمشنر پاران اٽيسٽ ٿيل هجن.
11. ڪامياب آڇ ڏيندڙ ٺيڪي جي اگهہ (آڇ دستاويزن جي مطابق) تي 5 سيڪڙو پرفارمنس سيڪيورٽي ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ، شهيد بينظير آباد جي حق ۾ پي آرڊر يا ڊمانڊ ڊرافٽ يا بينڪ گارنٽي جي شڪل ۾ آڇ/آفر ۾ طئي ٿيل مدي جي اندر جمع ڪرائيندو ناڪامي جي صورت ۾ آڇ ڏيندڙ جي بِڊ سيڪيورٽي ضبط ڪئي ويندي.
12. ٻيا شرط ۽ ضابطا ٽينڊر فارم ۾ ڄاڻايل آهن جڏهن تہ ۽ ان جي لاءِ، آڇ ڏيندڙ کي آڇ جي جمع ڪرڻ دوران ٽينڊر فارم ۽ آڇ دستاويزن جو هرهڪ صفحو دستخط ڪرڻو پوندو
13. ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ/پروڪيورنگ ايجنسي ايس پي پي آر اي رولز (هاڻي تائين ترميم ٿيل) جي مطابق آڇ يا تجويز جي قبوليت کان اڳ ڪنهن بہ سڀني آڇن يا تجويزن کي رد ڪري سگهي ٿو ۽ آڇ ڏيندڙن تي ڪا بہ ذميواري نہ هوندي.

ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ
حيدرآباد ريجن

INF/KRY No: 1086/23

SAY NO TO CORRUPTION WEAR MASK-SAVE LIFE

پڙهندي سنڌ تہ .... وڌندي سنڌ